
شاعري
گيڙوءَ
رَتا
خواب
واحد "سوز" ملاح
SAMBARA
PUBLICATION HYDERABAD

# گيڙوءَ رَتا خواب

(شاعري)

## واحد ”سوز“ ملاح

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# BOOK NO: (31)

**ڪتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ**

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | گيڙوءَ رتا خواب |
| موضوع: | (شاعري) |
| شاعر: | واحد ''سوز'' ملاح |
| ڇاپو پهريون: | نومبر 2016ع |
| ڪمپوزنگ: | شنڪر لال سُڪواڻي |
| ٽائيٽل: | سعيد سومرو |
| ڇپيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد

03003513966

## مُله: 250 روپيا

***Gearo`a Rata khawab***
(***Poetry***)
***By: Wahid soz mallah***

***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

**سمبارا پبليڪيشن اينڊ بڪ هائوس، حيدرآباد**

**پناڻي ڪتاب گهر حيدرآباد، فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.**

# ارپنا



**انهيءَ لاحاصل محبت جي نالي**
**جنهن جي لاحاصلات جي باعث ئي زندگي**
**’هزار نعمت‘ بڻي.**

ڏُوريان ڏوريان مَ لَهان، شال مَ ملان هُوت،
منَ اندر جا لوچ، مَحُبِڙ سا مانِي ٿئي.
(شاهه)

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”گيڙوءَ رتا خواب“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب اسان جي ٿهيءَ جي خوبصورت شاعر واحد سوز ملاح جي شاعريءَ جو پنجون مجموعو آهي.

واحد سوز ملاح جي شاعريءَ ۾ رومانوي رنگن جي اپٽار سان گڏوگڏ معاشرتي منفي پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ جا جتن بہ قابل داد آهن. سنڌي ادب جي خدمت جو ان ڪان وڏيڪ ثبوت ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو، جو واحد سوز ملاح لڳاتار شاعريءَ جا پنج معياري ڪتاب ڏنا آهن، سنڌ ۾ سونهن سان سچائيءَ جي سرهاڻ سندس شاعريءَ مان هميشہ جهلڪندي نظر اچي ٿي. اهوئي سبب آهي جو سندس پڙهندڙن جو وسيع حلقو ڪيس احترام جي نظر سان ڏسي ٿو ۽ اهڙو مثبت پاسو هر ڪنهن جون مقدر نہ ٿو بڻجي سگهي.

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن حيدر آباد** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، مهربانيون پياري واحد سوز ملاح جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


اداري پاران: ساجد سنڌي 07

مهاڳ : ابتو بہ لکيم، سبتو بہ لکيم محمد علي مانجهي 09

پنهنجي پاران: منجهان منهنجي روح واحد سوز ملاح 15

نظم ـ محمد بارڻ 18

غزل ـ حميده پروين 63

چؤسٽا ـ عبدالله آس هنگورجو 124

وايون ـ شبانہ عالماڻي 138

پنجوڙ ـ عاشق علي ڳاهو 160

## اداري پاران:

**سنڌي** شاعريءَ جي زرخيزيءَ جي مهڪ سان واسيل ذهن ان ڳالهه کان بخوبي واقف آهن تہ ڪهڙن گلن جي خوشبوءَ جو واس ونڻ سان ذهن ترو تازه ٿي پنهنجي انفراديت جي چاشني سان آشنا ڪري سگهي ٿو.اسان وٽ خاص طور سنڌي شاعريءَ ۾ جتي نوان تجربا ۽ نوان لاڙا متعارف ٿيندي ئي ٿوري وقت ۾ دم ٽوڙي ويهن ٿا، اتي ڪجهہ شاعرن جي شاعريءَ جا رنگ پنهنجي اندر ساڳي پختگيءَ سان معنيٰ خيزي ۽ روشن خياليءَ جا احساس روشناس ڪرائڻ ۾ ڪامياب بہ ٿيا آهن، واحد سوز ملاح جي شاعريءَ جا پنڌ ۽ پيچرا بہ پنهنجي پويان اهڙا نقش ضرور ڇڏيا آهن، جنهن تي رشڪ اچڻ فطري هجي ٿو، سندس شاعريءَ ۾ رومانوي رنگن جي اپٽار سان گڏوگڏ معاشرتي منفي پهلوئن کي بہ اجاگر ڪرڻ جا جتن بہ قابل داد آهن. سنڌي ادب جي خدمت جو ان کان وڌيڪ ثبوت پيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو، جو واحد سوز ملاح لڳاتار شاعريءَ جا پنج معياري ڪتاب ڏنا آهن، سنڌ ۽ سونهن سان سچائيءَ جي سرهاڻ سندس شاعريءَ مان هميشہ جهلڪندي نظر اچي ٿي. اهوئي سبب آهي جو سندس پڙهندڙن جو وسيع حلقو ڪيس احترام جي نظر سان ڏسي ٿو ۽ اهڙو مثبت پاسو هر ڪنهن جون مقدر نہ ٿو بڻجي سگهي.

واحد سوز ملاح جي اڳ ۾ شايع ٿيل ڪتابن ”سڏ، سڏڪا، سارون“، ”وچايل مرڪ جي ڳولا “، ”سوچون، ساگر - ويرون“ ۽ ”سڪ ۽ سوز“ ۾ شامل ڪوتائون نہ فقط سندس حساس پٽي پر سنڌ ۽ سپرين سان سڻنڌ جو چٽو ثبوت پيش ڪري چڪيون آهن، پر ان باوجود بہ سندس قلم ڪڏهن ٿڪو ناهي ۽ هو ساڳي رواني ۽ رچاءَ سان سلهاڙجي هڪ پيرو پيهر

”گيڙوءَ رتا خواب“ جو روپ ڌاري اسان کي اهو باور ڪرائڻ ۾ ڪابه عار محسوس نہ ٿو ڪري تہ هو بنا ڪنهن هام جي سنڌي ادب جي واڌ ويجهہ لاءِ اڃان بہ پاڻ پتوڙڻ واري مشق تي روان دوان آهي ۽ اسان جي دعا آهي تہ شال سندس قلم ڪڏهن بہ نہ ٿڪجي ۽ هو پڙهندڙن کي شعري حاصلات جي ثمر سان سان نوازيندو رهي.

**ساجد سنڌي**

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

03003513966

مهاڳ

# اُبتو بہ لکيم، سُبتو بہ لکيم

**نوجوان** شاعر واحد "سوز" ملاح ڪجھہ وقت اڳ مون کي سندس شاعريءَ جي اڻ ڇپيل ڪتاب تي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو، مون ڪيس ڪنهن ٻئي دوست کان مهاڳ لکرائڻ لاءِ چيو پر پاڻ نہ مُڙيو، هڪ ڏينهن نيٺ مسودو منهنجي حوالي ڪري ويو ۽ پوءِ مون بہ هائوڪار ڪئي، جنهن جو خاص سبب هيءُ آهي تہ واحد "سوز" ذاتي طور سنئي سپاءُ رکندڙ ۽ محبتون ڏيندڙ ماڻهو آهي. واحد "سوز" سنڌ ساڻيھہ جو اهو لڳاتار شاعري ڪندڙ شاعر آهي، جيڪو پنهنجا چار مجموعا ڇپرائي چڪو آهي.

سندس هيءُ مجموعو "گيڙوءَ رتا خواب" جيڪو منهنجي سامهون آهي، سو مون هڪ ساهيءَ ۾ پڙهي پورو ڪيو، هڪ ساهيءَ ۾ پڙهي پورو ڪرڻ جو سبب هيءُ آهي تہ سندس شاعري جي ٻولي، سادگي ۽ رواني پڙهندڙ کي پڙهي پورو ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي. واحد "سوز" جي شاعريءَ جو هيءُ مجموعو "گيڙوءَ رتا خواب" ۾ 20 نظم، 55 غزل، 50 چؤسٽا، 20 وايون ۽ 20 پنجوڙ (سندس لفظن ۾) آهن. سندس سموري شاعري پڙهڻ سان جيڪو تڪڙو تاثر اُڀري ٿو، سو، هيءُ آهي تہ سندس شاعري پڙهندڙ تي بار محسوس نہ ٿي ٿئي. سڀني صنفن جو موضوع ۽ انهن جو تسلسل ۽ حالِ حقيقت چٽي آهي. ڪٿي بہ ڪا مبالغا آرائي ناهي، دقيق لفظن ۽ فلسفن جي دقت ناهي، بلڪ هڪ احساس ۽ سرور بخشي ٿي. جڳ مشهور عالم ۽ نقاد هوريس پنهنجي هڪ مقالي "شاعريءَ جو فن" ۾ چوي ٿو تہ "ڪو شاعر جيڪو عظمت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر لفاظي ۾ پئجي وڃي ٿو، پيو شاعر پنهنجي موضوع جي يڪسانيت ۾ نمونا پيدا ڪرڻ لاءِ غير معمولي ڳالھہ اهڙيءَ ريت پيش ڪري ٿو جو وڻن ۾ مڇي ۽ درياھہ جي لهرن تي ريڌون ٻڪريون ڏيکاري ڇڏي ٿو. جيڪڏهن فن غائب آهي تہ معمولي غلطيءَ سان بہ زبردست نقص پيدا ٿي پوندا آهن."

واحد ”سوز“ جي چڱي ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ هيءُ عظيم شاعر ٽيڻ جي چڪر ۾ نہ اچڻ جي ڪري گهٽين خامين کان بچي سادگيءَ سان پنهنجا احساس اظهاري رهيو آهي. منهنجي خيال ۾ سچاين ۽ نج پٽي جو ملهہ ئي ناهي. هوريس شاعريءَ جي فن تي بحث ڪندي لکيو آهي تہ ”اهو ڪافي ناهي تہ شاعري حسين هجي، جيڪڏهن اها پڙهندڙن کي پاڻ سان گڏ ڪٽي چاهي تہ منجهس اهو جادوئي اثر بہ هئڻ گهرجي، جيئن مسڪرائيندڙ چهرا انهن طرف ڦرندا آهن تہ ڏسندڙ بہ مسڪرائيندا آهن. ايئن جيئن انهن سان همدردي ڏيکاري ويندي آهي، جيڪي روئندا آهن، جيڪڏهن اوهين مون کي رئاڙڻ گهرو ٿا تہ پهرين توهان کي بہ ان جو غم محسوس ڪرڻ گهرجي.“

منهنجي خيال ۾ اهو سڀ تخليقڪار جي فن تي بہ ڇڏيل آهي تہ هو ڪهڙي ڏانءُ سان پنهنجي ذات کي پيش ڪري ٿو. ٽالسٽاءِ ئي فن جي لاءِ ٽن ڳالهين کي ضروري ڄاڻايو آهي جيڪي هن ريت آهن:

* ٻين تائين پهچائي ويندڙ احساسن جي انفراديت
* اها چٽائي/سچائي جنهن سان اهو احساس پهچايو ويو آهي
* فنڪار جو خلوص يا سگهہ/ اُڏام جنهن سان تخليقڪار ان احساس کي، جيڪو هو پهچائڻ گهري ٿو، سو خود محسوس ڪري.

هر اديب يا شاعر کي پنهنجو ماحول، طور طريقا ۽ حالتون هونديون آهن تہ اهڙي ريت وري نوعيتون بہ مختلف هونديون آهن. اسين ڏسنداسين تہ سقراط، افلاطون ۽ ارسطو توڙي جو هڪ خطي ۾ رهندڙ ۽ هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ هئا ۽ سندن زماني ۾ بہ ايڏو فرق نہ هو، تنهن هوندي بہ سندن حالتون مختلف رهيون ۽ انهن ئي حالتن سندن نظرين ۽ تخليقن کي متاثر ڪيو. ائين جڏهن اسين مختلف قومن جي تخليقڪارن جو مطالعو ڪنداسين تہ منجهن اهي فرق نمايان نظر ايندا. اهو ئي سبب آهي جو سندن تخليقن جي سگهہ، انداز ۽ اُڏام مختلف رهي آهي. اهڙي ريت ئي قدر بہ مختلف هوندا آهن. هر زماني جي قدرن ۾ بہ فرق هوندو آهي. وڪٽر هيوگو جنهن جو نظريو رهيو تہ رومانوي فن جديد فن آهي پر زماني بدلجڻ سان حالتون ۽ تاريخي عمل تبديل ٿي ويا ۽ فن تي اثر انداز ٿيا. مطلب تہ زمانو، ماحول ۽ حالتون وڏيون تبديليون آڻينديون، اُهي هر اديب شاعر ۽ فنڪار کي متاثر ڪن ٿيون. جيڪو

تخليقڪار جنهن زماني ۾ ماحول ۾ رهندو قدر بہ اهڙا ئي ملندس. گڏوگڏ جيترو مطالعو ۽ مشاهدو وسيع هوندو تخليل، ڏات ۽ ڏانءُ بہ اوترو ئي سگهارا هوندا.

سنڌ جي مشهور شاعر، عظيم استاد ۽ اعليٰ انسان سائين محمد خان مجيديءَ جي شهر سان تعلق رکندڙ واحد "سوز" ملاح جي شاعريءَ جي خاص ڪري ٻولي ۽ انداز جا اهي ئي اولڙا پسي سگهجن ٿا. نج سنڌي ٻولي، سنڌ ساڻيهہ سان پيار، خير جو خواهشمند، اندر جي احساسن جو سادگيءَ سان اظهار وغيره چٽا آهن. سنڌ ساڻيهہ خاص ڪري لاڙ جي رتڙين چانورن جي سُڳنڌن ڪان ويندي اُتي جي حالتن، جذبن ۽ احساسن جي سُرهاڻ واحد سوز جي شاعريءَ جي سڀني صنفن ۾ موجود آهي. هيءُ پنهنجي شاعريءَ ۾ حقيقتن کي اهڙي انداز سان پيش ڪري ٿو، جو سندس پيغام پڙهندڙن جي ذهنن تائين بنهہ آسانيءَ سان پهچندي دير ئي نٿو ڪري. چٽو بيان، ٻوليءَ جي سادگي، ننڍا وزن، تجنيس ۽ رواني سندس شاعري جون خوبيون آهن.

وڏيون ڳالهيون ۽ ڳوڙها فلسفا پڙهي نہ هجن پر واحد سوز جي شاعريءَ ۾ هيءَ حقيقت پڌري پٽ آهي. سندس شاعريءَ جي هر اسم جو موضوع پنهنجو ڏيهہ، پنهنجا ڏيهي، عام زندگي، پيار ۽ امن آهي ۽ ها امن ۽ انسانن جي ويرين سان نفرت بہ سندس شاعريءَ ۾ چٽي آهي، جيئن هيٺين سٽن ۾ آهي:

ڪيو تنگ طالبانن آ،
سڏائي پاڻ کي مسلم،
ڪري هُو ڍنگ تبليغي
پيا هر شهر ۾ پکڙي،
ٻڌي بم چيلهہ پنهنجيءَ ۾...

چيلهہ تي بم ٻڌي ڪهڙا ڪلور ڪن ٿا، انهيءَ ڪان ساري دنيا واقف آهي.

ذڪر ٿي چڪو آهي تہ سندس شاعريءَ جي هن ڪتاب "گيڙوءَ رتا خواب" ۾ نظم، غزل، چؤسٽا، وايون ۽ پنجوڙ (جنهن صنف کي هن پاڻ نالو ڏنو آهي) شامل آهن. پڙهڻ ڪان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ سندس شاعريءَ ۾ نظميت سان سينگاريل نظمن جي رواني وغيره چڱي نموني موجود آهي. هن غزلن ۾

چوستن سان بہ نڀايو آهي. هتي هيءَ ڳالهہ بہ ڳڻڻ جهڙي آهي تہ سندس ڪن واين جي وراڻي ڏاڍي وڻندڙ ۽ سُريلي آهي. مثال طور:

**سنڌ سموري گهر گهر ووڙيم**

***

**دل ڪنواريءَ ديس ۾**

***

**اسان جو پنڌ اوڏانهن آ**

***

**رات ڪاوڙجي ويئي**

يا هيٺيون وايون:

**تعبير نہ سگهيا جي ماڻي،**
**ڪئين ڪجن سي ڪيڏانهن هاڻي،**
**گيڙوءَ رتا خواب اکين ۾.**

***

**اُبتو لکيم، سُبتو لکيم،**
**درد وري ٻي درد رهيو.**

***

هتي سندس شاعري جي ڪن خوبين جا مثال ڏيڻ بہ ضروري آهن:

## بيان ۽ ٻوليءَ جي سادگي:

**هانيارو هر هنڌ لڳي ويو،**
**ٿر مارن کان پاڳ رسي ويو.**

***

**اجا ياد آهن اکن تي ڦلارون،**
**اجا ياد آهن پکين جون اُڏارون،**
**اجا ياد آهن نماڻيون نهارون،**
**اجا ياد آهن پرين هي بهارون...**

***

چري تو چاهه جي چادر ڇڏي ليرون ڪري آخر،
دلين ۾ زهر نفرت جو ڇڏيو ناحق ڀري آخر.

سندس ننڍين وزنن تي سرجيل شاعري نہ رڳو پڙهڻ ۾ آسان لڳي ٿي پر دلچسپ بہ محسوس ٿئي ٿي:

اسان دلبريءَ ۾ ڏڪا خوب کاڌا،
اسان عاشقيءَ جي رکي پت پرين آ.
اسان "سوز" آهيون دعاڳو اوهان لئہ،
اوهان جنوريءَ کان ڊسمبر خوشيءَ ۾....

***

هٿن ۾ گرم هٿ اوهان جو ڪپي ٿو،
مُلائم نرم هٿ اوهان جو ڪپي ٿو،
هجي "سوز" ڌرتيءَ سندو چاهه جنهن ۾،
اهڙو ئي ڌرم هٿ اوهان جو ڪپي ٿو.

***

## تجنيس:

مڪلي، موهن، ڪينجهر منڇر،
ڀنڀور، ڀٽون ۽ ديبل بندر،
ڪُن ڪلاچي سمنڊ سمورو،
سنڌ امن جي ڌرتي.....

***

سُک جو جوڙيون ڏيهہ سڄو هٿ،
آزاد امن جا ڳيرا اُڀ ۾،
شام صبح بي خوف اُڏن لک،
چيٽ ڪتيون چانڊاڻ چمن ۾.

***

## گيڙوءَ رتا خواب : واحد سوز ملاح

سندس خيال بہ نہ رڳو وڻندڙ آهن پر نفيس بہ آهن:

**حياتي سور جهڙي آ،**
**تتل تندور جهڙي آ،**
**ڪڏهن ڇڻ تُوهہ ڪان ڪوڙي،**
**ڪڏهن انگور جهڙي آ.**

***

**اسان وقت سان گڏ پريا پير آهن،**
**رڳو وار اس ۾ اڇا ٿيا نہ ناهن.**
**منظر ڪي ناهيندو اڳتي،**
**وقت وڃي ڪاهيندو اڳتي.**

***

**درد مليو دل روئي ونجي،**
**ڳوڙهن سان منهن ڌوئي ونجي،**
**هڏڪي تيز ٿئي ٿي جنهن دم،**
**دلبر جو نالو ئي ونجي.**

***

سيني حقيقتن کي هڪ پاسي رکي هيءَ ڳالهہ چئي سگهجي ٿي تہ ”رب، رسول کان پوءِ تون ئي ويساهہ پيائي“ جهڙي سٽ جي شاعر واحد ”سوز“ ملاح پنهنجي شاعريءَ جي رياض کي جاري رکندي اڃا بہ اڳتي اُپرندو ۽ سندس گيڙوءَ رتا خواب ضرور ساپيان ٿيندا.

**ڊاڪٽر محمد علي ”مانجهي“**
**مڪلي ٺٽو**
08 جون 2016ع

پنهنجي پاران:

# منجهان منهنجي روح

**دل** انسان جي سيني ۾ لڳل هڪ فيڪٽريءَ جي مثل آهي، جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ خوشيون، درد، غم، پيڙائُ، حسرتون ۽ خوابن جي دنيا موجود آهي. اُهي سڀئي هڪ ئي وقت انساني زندگيءَ سان وابسته آهن. جيون جو سفر ڪڏهن اوکو ته ڪڏهن سوکو ڪڏهن تمام خوشگوار ته ڪڏهن انتهائي اذيتناڪ روان دوان آهي. خوابن جو سلسلو به سدائين رهي ٿو. هر ماڻهو روزانو رات جو الاءِ ته ڪيترائي خواب ڏسي ٿو. جن ۾ ڪي خوشين وارا ته ڪي وري ڏک وارا ڀيانڪ به هجن ٿا. ڪن جي تعبير ملي ٿي وڃي ته ڪي ساڀيان جي اوسيئڙي ۾ سُنڌ ٻڌجي وڃن ٿا. هر عاشق پنهنجي من گُهرئي محبوب جي لاءِ انيڪ خوابن، حسرتن ۽ اُميدن کي من ۾ سمائي رکي ٿو ۽ انهن جي آڌار تي من اندر جي اُڌمن کي شاعريءَ جي روپ ۾ ظاهر ڪري ٿو ۽ ڪي پل سڪونت جي سيج ماڻڻ ۾ سڦل ٿئي ٿو. شاعري به اندر جو هڪ آواز آهي. الهام آهي جيڪو سيني به سيني تاقيامت هلندو رهندو ۽ اهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ هزارن لکن جي تعداد ۾ شاعر حضرات تي ڏات جي ديوي مهربان رهندي اچي پئي. جيڪي پنهنجي ڏات جي وسيلي پنهنجي من اندر جي ڪيفيت سان گڏوگڏ سنڌ ۾ ٿيندڙ هر ڏاڍ، جبر، ناانصافي ۽ حقن جي لتاڙ جي خلاف قلم جي ويڙهه سان انساني ذهنن ۾ شعور جي لاٽ کي روشن رکيو اچن پيا.

ادب جون هونئن ته ڪيتريون ئي صنفون آهن، پر شاعر ٿيڻ لاءِ باقاعده سرجن بنجڻو پوي ٿو. لفظن جي وڍ ڪُٽ ڪري وري انهن کي پاڻ ۾ جوڙي سنيگاري سنواري پيش ڪرڻو پوي ٿو. گهڻا ماڻهو ته فعلن، فعولن، فاعلن جي چڪر ۾ پوڻ جهڙي ڪانجاڻ مان نڪري ڪهاڻيڪار، ناول نگار وغيره ٻڌجي وڃن ٿا. هونئن به اُها هڪ قدرت آهي ته جيڪو باقاعده شاعر آهي، اُهو ”سٺو ڪهاڻيڪار“ نٿو ٻڌجي سگهي، جيڪو ڪهاڻيڪار آهي، اُهو ”بهترين ناول نويس“ نٿو ٻڌجي سگهي. ڇو ته هر صنف جي پنهنجي هڪ الڳ جوڙجڪ آهي

۽ اُن جو موضوع ۽ حُسناڪي بہ منفرد آهي. اُها جنهن تي مهربان ٿي. تہ اهڙي طرح منهنجو بہ روح شاعريءَ سان لڳي ويو آهي، جيڪو عشق جي حد تائين آهي. جئين شاهہ سائينءَ فرمايو آهي تہ:

**ڪاتب لکين جئين لايو لامُ الفَ سين،**
**اسان سَڄڻ تيئن، رهيو آهي رُوحَ ۾. (شاهہ)**

۽ انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ شاعريءَ مان ئي موسيقي جنم وٺي ٿي. موسيقي جيڪا هر انسان جي روح جي غذا آهي. تڏهن تہ ڀٽائي سرڪار بہ 22 سُر لکي شاعريءَ کي هميشہ لاءِ امر ڪري ڇڏيو آهي.

شاعر پنهنجي اندر جي ڪيفيتن سان گڏوگڏ عام ماڻهن جي زندگيءَ متعلق دنيا ۾ ٿيندڙ هر ڏاڍ، جبر کان ويندي خوشين ۾ پڻ شامل ٿي لکي ٿو. جيڪو سلسلو صدين کان جاري آهي ۽ تا قيامت جاري رهندو. جنهن کي ڪو بہ مخالف ڪڏهن بہ نٿو روڪي سگهي. ڇو تہ علمِ شاعري اهڪ اهڙو الهام آهي، جنهن کي ڪير بہ چورائي نٿو سگهي ۽ نہ وري قيد ڪري ٿو سگهي. هر اُهو مضبوط قلم جيڪو ارڏن هٿن ۾ رهندي هميشہ حق ۽ سچ لکندو وڙهندو ۽ بي ضميرن تي ملامت ڪندو رهندو ۽ اُهو هن جنم ۾ نئون روپ ڌاري نروار ٿيندو رهندو. بقول جمن دربدر جي:

**وٺي هر هر جنم وربو، مٿا مهراڻ ۾ ملبو،**
**ختم اونداهہ ٿي ويندي، چٽي چانڊاڻ ۾ ملبو.**

هر باضمير قلمڪار ۽ فنڪار پنهنجي سنڌ امڙ جي لاءِ روح سان لکندو ۽ ڳائيندو آهي. سنڌ اسان جي ماءُ آهي، جنهن سان اسان جو ازلي اٽوٽ رشتو جڙيل آهي. جيڪو مرڻ گهڙيءَ تائين ساهہ سان سلهاڙيل رهندو.

ڪتاب لکي ڇپائڻ جيترو ڏکيو ڪم آهي، اوترو وري مهانڳ لکائڻ کٽن ڪم آهي. اڪثر ڪري نالي چڙهيا اديب ۽ شاعر تہ ڪنهن نئين لکندڙ ڪهاڻيڪار يا شاعر کي تہ ڪنگهندا ئي ڪونہ آهن، اُهي ڪنهن جي همت افزائي ڪرڻ تہ نهيو پر مهانڳ جا بہ اکر لکي ڏيڻ بہ مناسب نہ سمجهندا آهن. پر انهن کي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ وڏا اديبو! اوهان کي هيٺين طبقي جا ئي ادب ذوق رکندڙ ماڻهو پڙهن ٿا ۽ چاهين ٿا. انهن جي ئي دل رنجائڻ مناسب نہ

آهي. مون کي تہ اها بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿي اچي تہ مهاڳ لکرائڻ هروڀرو بہ ضروري آهي ڇا؟ ڇا مهاڳ کان سواءِ ڪتاب جي ڪا بہ اهميت ناهي؟ اهو ان جو سرٽيفڪيٽ آهي تہ فلاڻي اديب جو مهاڳ لکيل آهي، هاڻي ڪتاب کي چار چنڊ لڳي ويا آهن ۽ هاڻي اهو ڪتاب پڙهڻ جي لائق بڻجي ويو آهي. آخر ڪهڙي ماجرا آهي جو ڪتاب لاءِ مهاڳ ضروري آهي ۽ وري مهاڳ لکندڙ صاحبن کي پٽڪا لاهڻا پون هڪ ڪان ٻئي تائين ٻئي کان ٽئين تائين ۽ پوءِ جيڪو بہ لکي ڏئي اهو ضروري ڳالهين ۽ اصلاح ڪرڻ جي بجاءِ ويهي ليکڪ جي متي پليت ڪري! ڇا مطلب آهي؟

مون ڪافي دوستن کي پڙهيو آهي، ڪيترا ئي مهاڳ پڻ پڙهيا آهن ۽ دوستن کي پڻ پرکيو آهي. اڄڪلهہ تنظيمون بہ ياري دوستي نڀائڻ تائين محدود آهن، جنهن جا ڪيترائي مثال موجود آهن.

اسان وٽ سنڌي ادب ۾ بہ ٻن ڪيٽيگرين جا اديب آهن، هڪڙا ڪاٽن ڪلف يعني پنهنجا ۽ دوست نوازڻ واري تہ وري کي فقير منشَ بہ آهن، جيڪي اسان جهڙن ناچيزن کي بہ قدر واري نگاهہ سان ڏسن ٿا. اهڙن ئي سپاويڪ سڄڻن ۾ ڪيترائي نانءُ آهي، جيڪي اجان بہ سلهاڙيو اچن ٿا.

وڏي مهرباني ڊاڪٽر محمد علي "مانجهي" جن جي، جنهن منهنجي Request کي مانُ ڏيندي پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهہ پل ڪڍي مون کي منهنجي هن ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏنو.

وڏا وڙ ڀاءُ ساجد سنڌيءَ جن جا جنهن پنهنجي "سمبارا پبليڪيشن" مان هي ڪتاب ڇپائي مانُ بخشيو. منهنجو هي قلمي پورهيو پنجون ڪتاب "گيڙوءَ رتا خواب" جي صورت ۾ اوهان اهلِ ذوق دوستن اديبن جي هٿن ۾ آهي. اوهان پنهنجي منصفاڻي ۽ قيمتي راءِ ڏئي حوصلا افزائي ڪندا. مهرباني.

**واحد "سوز" ملاح**

**سجاول**

Cell: 03002812075

03133189400

# نظم



**جنت الفردوس آهن ڀئي ڪنڌيون مهراڻ جون،**

**ويهي رڳو واڪاڻجن، ٻيلا ٻنيون مهراڻ جون.**

”سرويچ“

**ڪيترو** تہ خوبصورت عڪاسي ڪئي آهي سائين سرويچ سنڌ جي خوبصورتي جي، حقيقت ۾ سنڌ آهي بہ اهڙي جنهن کي جنت چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪونهي، سنڌ جي سونهن جا ٻيا بہ انيڪ پاسا آهن، ٿر ۽ ڪاڇي جي پنهنجي الڳ ۽ منفرد فطرت جي رنگن سان ڀرپور حسناڪي آهي، جيئن حسن درس چيو آهي ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو. لاڙ جو پاسو ڪراچي کان وٺي ننگر پارڪر تائين خاص سڃاڻپ رکي ٿو، ان ۾ وري ماجر جو پنهنجو رنگ آهي.

ماجر جي مٽي علمي ادبي ۽ ڏات جي حوالي سان تمام زرخيز آهي، جنهن سرويچ سجاولي سائين محمد خان مجيدي، غلام حسين رنگريز، پرويز ۽ قاسم پٽر جهڙا وڏا نالا پيدا ڪيا، ان کان علاوه سليمان شاهہ الهڏنو خاصخيلي، مائي الهوسائي بہ ماجر جي مٽي جي پيداوار آهن، اجا بہ ٻيا عالم، استاد، شاعر اديب ۽ گهڻا ئي قابلِ ذڪر نالا آهن.

اُن ماجر جي پونءَ تي اڪ ڪولينڌڙ خوبصورت ۽ بيباڪ شاعر اسان جو دوست واحد سوز ملاح بہ آهي، جنهن ٿوري وقت ۾ شاعري جا يڪا پنج ڪتاب آڻي سنڌي ادب جي ڪيتر ۾ پنهنجي باقائده سڃاڻپ ڪرائي ورتي آهي. اِها هڪ حقيقت آهي تہ شهيد ۽ شاعر مرندا ناهن، شهيدن لاءِ تہ قرآن پاڪ شاهد آهي ۽ شاعر پنهنجي تخليقن ذريعي زنده رهندا آهن.

واحد سوز ملاح جي شاعري فني فڪري لحاظ سان مڪمل سگهاري آهي، هر شاعر حساس هوندو آهي، اُن جي محسوسات عام ماڻهو کان تيز هوندي آهي، معاشري ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيندو آهي، شاعر ان کي جلد محسوس ڪري ان جي نشاندهي بہ ڪندو آهي ۽ ان جو علاج بہ ڏسيندو آهي.

جيئن اڄڪلهہ عام ماڻهو کي قرڻ لاءِ هڪ انوکو طريقو پيو هلي انعامي اسڪيم جنهن کي سوز هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

**انعامي ۽ لڪي اسڪيم جي رنگين سپنن جا،**

**ڪپتيو پوسٽر هو ڪيئن لڳائي چوڪ تي ويٺو.**

عشق جي اوکي اٽانگي پنڌ لاءِ ”سوز“ جو هي بند بہ حقيقت جي خوب عڪاسي ڪري ٿو.

**عشق سندي اڄ تائين ڪوئي،**

**پاس ڪري ڊگري نہ سگھيو آ.**

هيءَ ڳالھ بہ ڪيڏي وزن دار ڪئي آ شاعر تہ ڏک سور ڪيئن ٿا آساني سان وڪوڙيو وڃن.

**سور چڙهن سڀ پنهنجي سرَ تي،**

**جڻ ڪا لوڪل لاري آهيون.**

ڏکن سورن دردن مان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ناڪام ٿيندي ڏسي چوي ٿو

**سور ڪرڻ نيلام گھُريم پر**

**ڪونہ وٺي ٿو واپاري ڪوئي.**

دعا آهي تہ ڏات ديوي ”سوز“ تي هميشہ مهربان رهي ۽ ڪيس ادبي کيتر ۾ اڃان بہ مٿاهون مقام حاصل ٿئي. آمين

**محمد بارڻ**

# نئون سال مبارڪ!

اوهان جي حُسن جو هجي خير هردم،
اسان زندگيءَ جي سفر ۾ سدائين،
غمِ درد جا ڏُڪ پيري روز پيتا،
اسان جو جياپو مثل توهه بڻيو،
اسان کان رُسي سڀ بهارون ويون هِن،
اسان جي اکين ۾ اڃان اشڪ غم جا،
اسان جو پياسو اڃان روح روڳي،
اسان جي خوابن نه تعبير ماڻي!
اسان جون اميدون ويون خاڪ بڻجي،
اسان دلبريءَ ۾ ڏِڪا خوب ڪاڏا،
اسان عاشقيءَ جي رکي پت پرين آ،
اسان راحتن ۾ ڪٽيو پل نه ڪوئي،
اسان بيوفا ڪونه سڏيو اوهان کي،
اسان ماٺ جو بس رکيو محب روزو،
اسان جي اکين تي ستم سڀ اوهان جو،
اسان ڪونه ڪنهن سان ڪئي ريس ڪائي،
اسان جي حياتي ڪُٽي، خير آهي!
اسان کي جيئڻ جي نه ڪا آرزو آ،
اسان هي ڊسمبر به تڙپي ڪٽيو آ،
اسان "سوز" آهيون دعاگو اوهان لئه.
اوهان جنوري کان ڊسمبر خوشيءَ ۾،
حَسين زندگيءَ جون ته ماڻيو بهارون.
اوهان کي مُبارڪ نئون سال جانان!

# سھڻو شاھ پٺائي

جڳ ساري ۾ سھڻو لاشڪ شاھ پٺائي
حق ۽ سچ جي آھين تون ئي راھ پٺائي
آ تو ۾ سمجھ عقل ۽ ساڃاھ پٺائي
ھيڪر ٿي تون ھيڻن جو ھمراھ پٺائي
درد وندن جي تنھنجي در آ دانھن پٺائي
ڪنھن در دانھين بيوس ۽ بيواھ پٺائي
رب رسول ڪان پوءِ تون ئي ويساھ پٺائي
سوچ اداسي ٻوڙيو غم اوڙاھ پٺائي
ڏس مارو ھي ٻڏيا بک ۾ پاھ پٺائي
جن جي ڪونھي ٻي ڪائي واھ پٺائي
آ شام صبح لڙڪن ڳل تي ڪاھ پٺائي
غربت جي ئي ڳُٽِين ڪيڍيا لاھ پٺائي
سورن ساڙي سوگھو رکيو ساھ پٺائي
درد ولر جي من تي ھر دم ڳاھ پٺائي
مُند خزان ۾ چوڌس ٿي اونداھ پٺائي
ڏاڍن جوڙيل ڪوٽ ستم جا ڍاھ پٺائي
ھيڻن تي ھِت روز ٻري پئي باھ پٺائي
روز اٿي ٿي سرد چپن تي آھ پٺائي
تون ٿي حامي سور ستم غم لاھ پٺائي
ھرڪو سينو سور سَٽيل سيڙاھ پٺائي

بيوس روئندي پٽڪي پيا بيراهه پٽائي
مُرشد ڏي تون سورن کان تہ پناهه پٽائي
ظالم جڳ ۾ کو بہ وسيلو ناهه پٽائي
سانگين کي ڏي سک جو ڪوئي ڏاهه پٽائي
سور غمن ۾ برپا ڪر ڪو ٿاهه پٽائي
هر غم کان تون ئي هر پل آگاهه پٽائي
ٿي چوڏس پئي ساوڪ ۽ وٽراهه پٽائي
جيئڻ تان آ "سوز" ڪڇيو ارواهه پٽائي
منٿ مَجي تون تقدير قٿل کي ٿاهه پٽائي

## روز رهون ٿا سوچن ۾ گم

روز رهون ٿا سوچن ۾ گم
ڪونہ لٿي اُپري جي خبر ڪا
دل جي بنجر ڌرتيءَ تي اڄ
ٻُڌتين جا ڪَئين ڳوٺ آڌيل هِن
ڳهر اداسيءَ جو سايو ڏس
نيڻ نگر تي روز رهي ٿو
درد هجر جي پن ڇڻ موسم
روح رَتورت روز ڪيو آ
مايوسين جي بي پاڙي ول
زرد اميدن جو تہ ڪيو وڻ
بي پرواهہ سان دل جو سودو
راس نہ آيو گهاٽي ۾ ويو
ساري ويڌن جو تہ سبب هي
غربت هيڻو حال بڻيل آ
موت مثل هر پهر لڳي ٿو
”سوز“ اڃان ٻي آس جيئڻ جي
زنده رکيو روز اڇي پئي
توڪل جي ترهي تي ترندي
جيون جاڙ سفر گهاريون پيا
شايد ٻاڳ کُلي پئي ٻيهر
درد غمن مان جند ڇٽي پئي
دل جي ڌرتي سبز سکي ٿئي

▪

# مان سور سَهان تو کاڻ متا

مان سور سَهان تو کاڻ متا
مان درد ڏسان تو کاڻ متا
مان روز سِڪان تو کاڻ متا
مان زهر پيان تو کاڻ متا
مان روز مَران تو کاڻ متا

مان سور سَهان تو کاڻ متا
مان من ۾ پچان تو کاڻ متا
مان هجر لڇان تو کاڻ متا
مان مينهن وسان تو کاڻ متا
مان لڙڪ پيان تو کاڻ متا

مان سور سَهان تو کاڻ متا
مان سک نہ سمهان تو کاڻ متا
مان رات جلان تو کاڻ متا
مان ڏينهن پچان تو کاڻ متا
مان ماٺ رهان تو کاڻ متا

مان سور سَهان تو کاڻ متا
مان راڄ رُسان تو کاڻ متا
مان لوک لڙان تو کاڻ متا
مان ضد نہ لهان تو کاڻ متا
مان کنهن نہ وٽان تو کاڻ متا

مان سور سَهان تو ڪاڻ مٺا
مان پئونر! ٿران تو ڪاڻ مٺا
مان ٽار ٽِلان تو ڪاڻ مٺا
مان عرش رسان تو ڪاڻ مٺا
مان فرش رهان تو ڪاڻ مٺا

مان سور سَهان تو ڪاڻ مٺا
مان ڳوٺ اچان تو ڪاڻ مٺا
مان شهر گهمان تو ڪاڻ مٺا
مان چاهه رکان تو ڪاڻ مٺا
مان ناز کيان تو ڪاڻ مٺا

مان سور سَهان تو ڪاڻ مٺا
مان غزل لِکان تو ڪاڻ مٺا
مان گيت چوان تو ڪاڻ مٺا
مان شعر ڪڇان تو ڪاڻ مٺا
مان لوچ لڇان تو ڪاڻ مٺا

مان سور سَهان تو ڪاڻ مٺا
مان جيئڻ سکان تو ڪاڻ مٺا
مان مرڻ گهران تو ڪاڻ مٺا
مان نينهن نچان تو ڪاڻ مٺا
مان ”سوز“ سِڪان تو ڪاڻ مٺا

# سنڌ امن جي ڌرتي!

سنڌ امن جي ڌرتيءَ تي اڄ
درد ڏکن جا بادل ڇانيل
هيڏو ڪهر انڌير ڏسي ھي
ڪنھنجي ڪن تي جونءِ نہ سُري ڪا
افسوس امن ويو ڪسجي ليڪن!
ڪنھن بہ ذميواري نہ قبولي
سڏڪو سهڪو پهر ويو ٿي
گهر گهر ۾ آ ڪهر ويو ٿي
آرام سڪون ڪسيو ويو آهي
سونهن وئي ڌرتيءَ جي اجڙي
احساس ختم ٿيو هر ڪنهن مان!
سنڌ امن آزاديءَ جي لاءِ
ڏاڍ ڏمر ۽ ظلم ڏسي پيي
ڪنهن نہ غدارن ڪي للڪاريو

پنهنجي ووٽن تي جي چونڊيل
ايوانن ۾ خاموش ستل!
پاڻ ٻه سڀ پنهنجي ڌرتيءَ تي
افغان پناهگيرن وانگي چڻ
چاڪاڻ نسِت نرچا تہ ٻڌيا هون
بيجان رهون ٿا آخر ڇا لئہ
هيءَ تہ سموري ڌرتي پنهنجي
مڪلي موهن! ڪينجهر منڇر
ڀنڀور ڀٽون ۽ ديبل بندر
ڪُـنّ ڪلاچي سمنڊ سمورو
سنڌو درياءَ لهرون ڇوليون
پيلا ڀنيون ڍنڍون ڍورا
ڀِڻ جبل رستا راهون سڀ
ڪوئل بلبل مور ڪبوتر
گل ڦل ميوا سبز نظارا
آثار قديم درگاهون سڀ
پوٺن ڳوٺن لوڙهن ويڙهن!
سنڌي ٻولي جيجل لولي
اسڪولن آفيسن جا ۽!
صحرا واري ٿر ٿاڪن جا
پوڙيسر جي پونءَ سموري
تن جا پاڻ ئي وارث ازلي
پوءِ ٻه رهون ڪن ٿار سدائين
پنهنجي پاڪ وطن جي گڏجي
ڇو نہ حفاظت پاڻ ڪيون سڀ
مخدوم، بلاول، صوفيءَ جي

هوشو، هيمون، دولهه درياءَ
منصور حلاج ۽ ڀاڳيءَ جي
تاريخ پراڻيءَ کي ورجايون
”مَرسون مَرسون سنڌ نه ڏيسون“
گهر گهر نعرو عام ڪيون هي
جنگ امن جي جوٽيون گڏجي
غيرن سامهون جُهڪڻو ناهي
پير نه ڪو پٺتي آ هٽڻو
پنهنجو حق پورو آ وٺڻو
سک جو سورج اڀرڻ تائين
ساعت ساهي پٽڻي ناهي
غير ڪمينا چور تڙي سڀ
دؤر ختم اونداهو ڪيون هي
سک جو جوڙيون ڏيهه سڄو هِت!
آزاد امن جا ڳيرا اُڏي ۾
شام صبح بي خوف اڏن لَڪَ
چيٽ ڪتيون چانڊاڻ چمن ۾
سرهاڻ سکن جون هيرون هردم
ٽهڪ گلابن جا ته ٻُرن جت
مُرڪ نه ميري ڪنهن جي ٿئي ڪا
سونهن امن سنسار سڄو هي
سبز چمن شاداب وڃي ٿي
”سوز“ خوشي گهر گام وڃي ٿي

■

## ڇا ٻاله ڪَجي سينگارن جي

ڇا ٻاله ڪَجي سينگارن جي
ڇا ٻاله ڪجي رخسارن جي
محب مٺن مٺڙيادارن جي
ڇا ٻاله ڪجي دلدارن جي
ڇا ٻاله ڪجي سينگارن جي

ڇا ٻاله ڪجي ڪا گلڙن جي
ڇا ٻاله ڪجي يار! ٻلڙن جي
هن موتيءَ داڻ ڏندڙن جي
ڇا ٻاله ڪجي مَهڪارن جي
ڇا ٻاله ڪجي سينگارن جي

ڇا ٻاله ڪجي ڪا ٻُلبلن جي
ڇا ٻاله ڪجي ڪا جُڳنن جي
هن شمس و قمر تجلن جي
ڇا ٻاله ڪجي چمڪارن جي
ڇا ٻاله ڪجي سينگارن جي

ڇا ٻاله ڪجي ڪارونجهر جي
ڇا ٻاله ڪجي ڪا منڇر جي
ڪا نوريءَ ۽ ڪينجهر جي
ڇا ٻاله ڪجي ٿر وارن جي
ڇا ٻاله ڪجي سينگارن جي

چا ٻاله ڪجي تو چپڙن جي
چا ٻاله ڪجي تو هٽڙن جي
ناسي ۽ پورين اڪڙين جي
چا ٻاله ڪجي ڪا وارن جي
چا ٻاله ڪجي سينگارن جي

چا ٻاله ڪجي ڪا حورن جي
چا ٻاله ڪجي ڪا مورن جي
ٻاڙهن ۽ پيلن پؤنرن جي
چا ٻاله ڪجي گلزارن جي
چا ٻاله ڪجي سينگارن جي

چا ٻاله ڪجي تنهنجي ٽٽ جي
چا ٻاله ڪجي هيرن مُٺ جي
پيئي هاڪ هلي پر پٽ جي
چا ٻاله ڪجي دل وارن جي
چا ٻاله ڪجي سينگارن جي

چا ٻاله ڪجي ”سوز“ وفا جي
چا ٻاله ڪجي ماهه لقا جي
قرب صنم پاران تہ عطا جي
چا ٻاله ڪجي وهنوارن جي
چا ٻاله ڪجي سينگارن جي

# اي ڊسمبر الوداع

جنوري ۾ نئين سال جي ٿي خوشي
مُند متجي وري ويس پاتو نئون
فروري ۾ بہ ساڳيو تسلسل رهيو
آرزوءَ جا سوين محل من ۾ جُڙيا
ماهہ مارچ هوائون ڪيون تيز ڪجهہ!
دل بهارون پسڻ جون اميدون ڪيون
خوب اپريل ۾ چيٽ چانڊاڻ ٿي
پر خبر ڪونہ پيئي بهارن سندي
ڪجهہ مئي ۾ تپش سج سندي ٿي گهٽي
سوچ ويچار جا دَر ڪُلي سڀ پيا
جون ۾ لُڪ ڪري ساهہ سوگهو ڇڏيو
هڪ ٻدو اڪبري پيو تہ غربت گهٽي
ڏينهن جولاءِ جا ٿي وڏا پيا صفا
ڪونہ راحت ملي زهر جيون ٻڻيو
مينهن مهينو سڄو منجهہ آگسٽ وٺا
گهر ڪکاوان ڀڄائي سيئي ڇَٽ ڪيا
پوڏ جهڙو لڪاءَ سيپٽمبر ۾ ٿيو
مال ۔ ماڻهن سندو جاڙ جيئڻ ٻڻيو
آڪٽوبر اچي اهنج پيڻا ڪيا
”پرِ تہ پرِ پرَ ڏسو هيل پي هيل آ“
سور نومبر ڏنو هر گهڙيءَ ۾ نئون
سرد موسم ڪٽي پار آيو اُتر
الوداع اي ڊسمبر اٿئي الوداع
سال پورو ڏکن ۾ بسر ٿي ويو

■

## ٿر مارن ڪان ياڳ رُسي ويو

کهڙو واءُ ڏکن جو وريو
ٿر مارن ڪان ياڳ رُسي ويو
ڏيھ ڏڪار ويو ٿي سارو
قهر ويو ٿي کهڙو نازل
ٿر جي سونهن وئي آ اُجڙي
مينهن نہ ڪو ڪِڻِ ماڪ وسي ڪا
چؤڏس رُڃ ڪري واڪا پئي
واري ٻڄي ٽامون ويئي
ڏينهن تتل جون ڄڀيون ڄيرا
پاڻي ڪونهي برپٽ صحرا!
آڪ-لاڻين ۽ ڄارين جا ڀي
پيلا ٻڄي پنّ ڇڻي ويا
ڪربل جهڙو ڪوس ويو ٿي
مسڪينن جي گهر گهر ماتم
هندو مسلم هاري ناري!
درد غمن جي آوي من ۾
مال متاع ۽ ماڻهن جو ڏس
بک ۽ اُڃ ۾ تڙپي سَهڪي
هانيارو هر هنڌ لڳي ويو
ڪونہ مليو ڪو ڪاڏو پاڻي
بيوس بک ۾ پاھ ٻڻي سڀ
مور مَري ويا ڍور ڍٽن پر!

ٹُرت نہ حيلو تِن جو ٿيو ڪو
ظالم پاپي وس وارن ڪي
تِر جي ڪائي ڪھلَ نہ آئي
تَـرَ جا ميـرَ وڏيرا هڙئي
اي سي بنگلن ۾ آرامي
سرڪار چوي! خير مڙئي آ
معصومن جون اُپ ڏاريندڙ
دانھون ڪوڪون ڪونہ ٻُڌيون ڪنھن
گلڙن جھڙا ٻار بکن ۾
تڙپي سڏڪي ساٽا ٻٽجي
موت سندو جي ڪاج ويا ٿي
تن جي جوڙي پوتي ڪارڻ
پيءُ امڙ مامون ۽ چاچو
سوچ فڪر ڳٽتيءَ ۾ ورتل
هَڙ ۾ موڙي ڪونہ رهي ڪا
غربت جي خنجر سان گھايل
مسڪين اپوجھن جي ڪنھن چو؟
سار اجان تائين نہ لڌي آ
ڪرپٽ ڪامورن جي ئي شل
ريهہَ پوي ڪا ساري گھر ۾
جن جي غفلت سُستيءَ سان ئي
هيڏو سارو قھر ويو ٿي
ناهي خوشيءَ جي پھر ڪٿي ڪا
ڪانءَ ڪبوتر ڳيري ڪنھن جو
آهـيرو ڪنھن وڻ تي ناهي
ٿوھر ڪونيٽ ڪانڊيرا پيپ

سوڪ سبب ٿي ٽڙڪ ويا سڀ
ڪونہ پٽن پر ڇانوَ رهي ڪا
ڪونہ وَڻو ٿر هيل اڳي جيان
هرجاءِ راڙو روج متل آ
بيوس ٿيا مجبور لڏڻ تي
پنهنجا گهر تڙ گام ڇڏڻ تي
موت ڪري ڏس راڳا ڇڏيا
هاءِ الا! پنهنجي تہ اڪين سان
اجڙيل ٿر جو حال ڏسي اڄ
رت جا ڳوڙها "سوز" رني دل
مَهر خدايا ڪر تن تي ڪا
ملڪ ملير مٿي مالڪ تون
رحمت جا تہ ڪڪر برسائي
ڏيهہ ڏڪاريل ٿر جي ساري
سونهن بحال پوي ٿي هيڪر!
سندر ساوڪ سونهن پٽن تي
مور ٿهوڪن ڪارونجهر تي
مرڪن مَهڪون هر ڪنهن مک تي
پنهنجو ماڳ وَسائي سانگي
سُرها جڳ ۾ شال جيئن گڏ!!

■

نوٽ: فيبروري 2014ع ۾ ٿر ۾ آيل ڏڪار کان متاثر ٿي لکيل

# چنڊ گهٽائي چانڊوڪي جيئن!

چنڊ گهٽائي چانڊوڪي جيئن!
تنهنجو مون سان قرب پرين ايئن
نينهن برابر تارازيءَ جيئن
ڪونہ ڪڏهن توري تو رکيو
چاهت وارا چاڳ چپن تان
سُرخيءَ وانگي نيٺ لهي ويا
عشق عقيدت ساڻ اوهان ڏي
روح سندم هردم آتو آ
تنهنجا نخرا ناز نرالا
مايوس صفا ڪن مون هر پل

عشق مٿي ڪان تار اوهان سان
چاهت چنبڊ چڪور مثل آ
مينهن وسي جيئن واريا‌سي تي
خشڪ وڃي ٿي جلدي ڌرتي
ايئن اوهان جي دل ۾ جانان!
ڪونہ رهي ٿي همدردي ڪا
مون کي سوچون ڳٽيون هر پل
هڪ طرفو جي پيار ويو ٿي
زهر جياپو بڻجي ويندو
قهر قيامت برپا ٿيندو
”سوز“ بچڻ ٿي پوندو مشڪل
مون کي ڏي من ساٿ وفا جو
ڪر نہ ڍريون چاهت جون ڳنڍيون
پيچ رهڻ ڏي هر دم پختو
اوکي سوکي مهل اسان سان
نينهن نڀائي جانم! مُرڪي
تون ئي جڳ ۾ جان جياپو
توبن جيون جاڙ سفر ڪو
تنهنجو ساٿ سڦلتا منزل
عرض اگهائي قلب ڪنل جو
ڪين جدا ٿي پل ڪو مون کان
روز مٿي ڪر محبت مون سان.

■

# اُٿو يار ساٿي!

اڄو ڪيس داخل ڪيون سنڌ جو، ڙي!
ڪري لانگ مارچ هلون پنڌ جوڙي
هلي غير جو اڄ پڄون ڪنڌ موڙي
قلم تير پنھنجا سمورا ٻڌائي
اُٿو يار ساٿي! هلو وک وڌائي.

اسان جون زمينون بيابان آهن
سُڪي ڪيٽ ساوا ٿيا ڪونہ آهن
سدائين تہ مارو پريشان آهن
پلا ڪير پاڻيءَ سوا آن اُپائي
اُٿو يار ساٿي! هلو وک وڌائي.

پلا سور ايڏا سهون ڪيستائين
پسي ڏک صبر ۾ رهون ڪيستائين
هٿن تي رکي هٿ ويهون ڪيستائين
هلو ڳوٺ وارا قطارون ٻڌائي
اُٿو يار ساٿي! هلو وک وڌائي.

وطن ۾ بہ پنھنجي اسين بي سهارا
رهي سمنڊ پاسي رهون ٿا اڃارا
ڪٽي حق اسان جا ويا غير سارا
اچو "سوز" سارا وٺون حق چُڪائي
اُٿو يار ساٿي! هلو وک وڌائي.

# قصو عشق جو

لڳي دل دنيا ۾ ويا هوش گُم ٿي
قصو دلبريءَ جو تہ ظاهر اکين ۾
ڪڏهن درد دل تي سوايو رهي ٿو
ڪڏهن مُرڪ موتي چپن تي اچي ٿي
ڪڏهن پل بہ گهارڻ وچي جاڙ بڻجيو
ڪڏهن ڪل خوشيءَ ۾ وچي وقت گذريو
ڪڏهن لڙڪ لارون ڳلن تي رهن ٿيون
ڪڏهن مُرڪ! پوپٽ چپن تي مِڙن ٿا
ڪڏهن ياد تنهنجي لهي ڪونہ دل تان
ڪڏهن سوچ دل جي ۾ شامل بہ ناهين
ڪڏهن هار سينگار وٽيا نہ دل کي

ڪڏهن نينگ ڏيئي ٽپا دل ڪڏي ٿي
ڪڏهن گيت وايون غزل ڪين لکجن
ڪڏهن شعر جُڙيو پون ذهن ۾ ڪئين
ڪڏهن من ڪٿي ڪونہ لڳندو پرين آ
ڪڏهن روح روڄي رڙن ۾ رُلي ٿو
ڪڏهن شهر وڻندو صفا ڪونہ آهي
ڪڏهن شهر گهمندي لهي سج وڃي ٿو
ڪڏهن رات توبن ڀيانڪ لڳي ٿي
ڪڏهن رات راحت چڙهي ٿي تہ بخشي
ڪڏهن نا اُميدي وڪوڙي چڙهي ٿي
ڪڏهن آس ڪائي پوي ٿي تہ جاڳي
ڪڏهن پاڻ پنهنجو وڻان ڪين بلڪل
ڪڏهن ناز پنهنجو رهي پاڻ تي ٿو
ڪڏهن ريڊيو ڪونہ ٿي وي وڻي ٿي
ڪڏهن گيت ويهي ٻُڌان ۽ ڏسان مان
ڪڏهن چنڊ تارا بہ بي نور ڀانيان
ڪڏهن روشني ۾ لڳي رات سندر
ڪڏهن ننڊ ديوي وڃي ڏور رُسيو
ڪڏهن نيڻ - پينگهن لُڏي رمز سان ٿي
ڪڏهن حال هيٺو فقيري مثل آ
ڪڏهن بادشاهن جيان پاڻ! سمجهان
ڪڏهن وار اٽيا نہ ڪو سينڌ سُرمون
ڪڏهن سينڌ سرمان ڪري خوب وَڙڪون
ڪڏهن لوڪ سامهون روئڻ جهڙي حالت
ڪڏهن ٿڪ ٿاڪور ۾ وقت گذري

ڪڏهن خودڪشيءَ جا اچن خيال تريو
ڪڏهن ساهه دل کي پيارو لڳي ٿو
ڪڏهن چرس آفيم سگريٽ پيئندي
ڪڏهن قلب ريجهي مشروب پيئندي
ڪڏهن ڪُنڊ گهر جي جهلي محب روئڻ
ڪڏهن سير تفريح ڪرڻ جي خواهش
ڪڏهن موت کي پاڻ دعوت ڏيون ٿا
ڪڏهن شوق جاڳي جيئڻ جو پوي ٿو
ڪڏهن ڪونه ڪنهن سان حجت ڪا هلايون
ڪڏهن دوستن کي هڻون خوب چرچا
ڪڏهن وارياسي پٽن جيئن پُري من
ڪڏهن ڦهڻ ڪان پيي ٿئي سخت ڪيفيت
ڪڏهن چڙ تہ ڪاچي مٿان ڪونج ڪُرڪي
ڪڏهن ڪوڪ ڪوئل سندي ساهه ۾ چڙ!
ڪڏهن سور سوچون هڻن ڏنگ هر هر
ڪڏهن راحتن جي تہ لولي رهي ٿي
ڪڏهن ڪل عبادت قضا ٿي ڪري دل
ڪڏهن نينهن جون ڪل نمازون پڙهي ٿي
ڪڏهن حالتن جي هٿان تنگ آهيون
ڪڏهن حالتن سان کيون ناهه مُرڪي
ڪڏهن سوچ ڳٽتي اداسي اکين ۾
ڪڏهن اشڪ آهن خوشين جا اکين ۾
ڪڏهن بيوسيءَ جا پيل ونگ پاري
ڪڏهن سوچ آزاد آهي سراسر
ڪڏهن ڪنهن نہ ڪنهن سان کيون پوٺ ماري

ڪڏهن عاجزيءَ ۾ ملون ٿا سپن سان
ڪڏهن ڳالهہ ڪائي وٽي ڪونہ سچ جي
ڪڏهن ڪوڙ تي ٿا وجون جلد وسيو
ڪڏهن زهر جو ڍُڪ لڳي زندگي ٿي
ڪڏهن آب ڪوثر جياپو تہ پنهنجو
ڪڏهن باهہ جو چڻ ٻري مچ هيئين ۾
ڪڏهن برف وانگي ٿڌو "سوز" سينو
عجب عشق اهڙو ڪيو حال آهي
مَرڻ ۽ جيئڻ جي نہ قابل دنيا ۾
الا! نينهن نازڪ نهوڙي ڇڏيو آ
مگر پوءِ بہ آهيون پياسا حُسن جا
رهي سونهن پنهنجي تہ ڪمزوري آهي
قصو عشق جو هي اڃان مُختصر آ
اڃان پنڌ اڳتي ڪُتڻ جو نہ آهي
اڃان عاشقي جون اٿئي ڳالهيون اڳتي
اِهو راز ڄاڻي خدا ئي ٿو بهتر
حُسن جيسين دنيا جي تختي تي رهندو
اِهو عشق قائم هميشہ تہ رهندو
انهيءَ عشق کان بس پلي مات آهي

■

# مجبور صدائون

احساس اُڃارن ۾
نيڻن جي خمارن ۾
دل جي تہ پڪارن ۾
محبوب ادائون هِن
مجبور صدائون هِن

هي رات ڪٽي ويندي
۽ باک ڦٽي ويندي
ڇڪتاڻ ٽٽي ويندي
پيرن تي سڪائون هِن
مجبور صدائون هِن

اي چنڊ ٻُڌائي تون
ڪيئن وقت گذاري هو
محبوب ملهاري جون
هِت روز پڇائون هِن
مجبور صدائون هن

ڏس گيت پيارن ۾
آ درد اڃارن ۾
ڪو "سوز" لچارن ۾
پيوند ڪٿائون هِن
مجبور صدائون هِن.

# سجاول شهر جي لائبريري

عِلم آڻ کُٽ خزانو هيءَ
سُجاول شهر جي پبلڪ
کُشادي لئبريري آ
هزارين بوڪس جنهن ۾ هِن
سياسي سائنسي ۽ پيا!
ادب پي ايڇ ڊي ڪورس
سنڌي انگريزي اُردو ۾!
ٻين چوويهہ ٻولين ۾
لِکيل قرآن موجود آ
ڪهاڻيون شاعري ناول
ادب جي صنف هر ڪنهن ۾
ذخيرو آ وڏو بيشڪ
ستر واري ڏهاڪي کان
ڪتبخاني سموري ڪي
اڪيلي سِر سنڀاليندڙ
هجي جَس مينڌري ڪي جنهن
ٻَچن جي پالنا وانگي

ڪتابن ڪي سنڀاليو آ
صبح ۽ شام جو ڊيلي
مَقامي هر خبر سان گڏ
انعامي بانڊ ۽ ٽينڊر
ڪري محفوظ فائل ۾
سنگت ۽ عام ماڻهوءَ سان
سندس ورتاءُ آ مِٺڙو
ڪئين حاڪم ۽ ڪامورن
گُهمي تاثر لِکيا بهتر
ادب جو ذوق رکندڙ لئہ
وڏي آ ترجماني هيءَ
دنيا جي ڪيترن مُلڪن!
سَندي گهَڻئي تہ ٻولين ۾
هِتي ڊيلي جون اخبارون
پڙهڻ لاءِ رکيل تازيون
سُجاول شهر جا واسي
پڙهڻ تازيون اچن خبرون
پنجين ڪان رات نوَ تائين
وڏي رونق هوندي آهي
هتان سي-ايس جو ڪورس
ڪري ٿيا ڪيئي سوڀارا
وٺي ڪي نوڪريون چڱيون
ويا ٻڻجي تہ آفيسر
هتي هر ڪنهن ئي شعبي ۾
رکيل ڪورس ڪتابن جا

سيئي ترتيب سندر ۾
سَٽيل هر ڪائي الماري
ڪري ڪو فيض جي حاصل
عِلم لاحد ڪري حاصل
سگهي ٿو مفت گهر ويٺي
ادب جي باغ مان بيحد
ملي ٿي روح کي راحت
تڏهي هي "سوز" روزانو
وٺڻ تسڪين ويندو آ
مُحبت مان تہ ♥حاجيءَ جي
وجي ڏُک ڇانهہ پيئندو آ
عِلم عَظمت ادب واري
پئي خوشبوءَ اچي جنهن مان
سُڄاول شهر جي پبلڪ!
اُهائي لئبريري آ...!!!

■

♥ عبدالعزيز عرف حاجي مينڊرو (لائبريريءَ جو انچارج)

# قسمت جو آکيل نِدورو

غربت ٻُٽيءَ جهڙو جڳ ۾
مرض نہ موذي آهي ڪوئي
سوچن ۽ سُڏڪن ۾ لڇندي
چين ڦٽي آرام وڃي ٿو
زرد پنن جي موسم جهڙا
عَڪس اکين ۾ روز رهن ٿا
سوچ اداسيءَ جا هُردي ۾
زاغ هڻن ٿا چهنگون هردم
مُرڪ سنديون ريڪائون مک جون
تبديل ٿين غم! ڪيفيت ۾
اوجاڳن ۾ حالت هيڻي
راحت وارا روح منجهاران
رنگ وڃن ٿا سارا وکري
مونجهارن ۾ ڦاٿل هرپل
ماڻهو کهڙي راهہ وٺي سو!
خودڪش ٻڻجي جان وڃائڻ
هي بہ وڏو آ ڏوهہ سَراسر
وس وارن جي منهن ۾ ڏسندي

پنهنجي جائز حق جي خاطر
روئندي رڙندي سال لنگهي ويا
ڪونہ برابر حق مليو ڪو!
ڏاڍن جو هي ڏيهہ سمورو
مسڪين سندو هِت ڏوهہ جيئڻ آ
قسمت جو آ کيل نِڌورو
”سوز“ وري پيي رب هيٺن جو
درد دلين جي دانهن قبولي
تاري غم مان پار ڪندو سو
وقت نہ ساڳيو رهندو سوئي
سک جو سورج اُڀري پوندو
راحت واريون هيرون گُهلنديون
روشن راهون بڻبيون سک جون
هيٺن جو هن جڳ ۾ گهارڻ!
جيون سوکو بڻجي پوندو.

■

# گَهَرو گَهَرو درد رَسائي

آڌيءَ رات اٿي تو ڳائي
چارڻ وينو چنگ وڄائي
دل جا ويتر چاڪ چڪائي
منهنجي ٿو هو ننڊ ڦٽائي
گَهَرو گَهَرو درد رَسائي

رات ٻہ ڪيڏي ڪاري آهي
نيڻن مان جَر جاري آهي
تات پرينءَ جي تاري آهي
ڪارا چڏيم ڪپڙا پائي
گَهَرو گَهَرو درد رَسائي

ڪوئل ٻولي نِم جي وڻ تي
ٻاهيون ڀَڙڪن من جي رڻ تي
دل ٿي تانگهي مُحب ملڻ تي
ڪير پلا ڪو محب گُهرائي
گَهَرو گَهَرو درد رَسائي

ڪنهنکي سرس تہ ڪنهن کي ٿورو
درد مليو ٿو گَهَرو گَهَرو
پنهنجي غم ۾ هر ڪو پورو
وينو هرڪو سور سٺائي

گهَرو گهَرو درد رَسائي

هير گهلي ٿي ٿڌڙي ٿڌڙي
رات نري پئي مٺڙي مٺڙي
روشن روشن اُجري اُجري
ايڏو مون کي ڪين سِڪائي
گهَرو گهَرو درد رَسائي

سوچون اڏري آيون دل ۾
ويهي شور مچايئون دل ۾
تنهنجا پور پچايون دل ۾
الفت جا ڪي ديپ جلائي
گهَرو گهَرو درد رَسائي

دل جي دَرَ تي دستڪ ڏيندو
واحد موت اچانڪ ايندو
هڪ ڏينهن وٺي آخر ويندو
ڏاڍو روئندين حال وڃائي
گهَرو گهَرو درد رَسائي

# امن جا گيت آلاپي

گلابن جا ڪٽي گلڙا
ڏيون مهراڻ کي پيٽا
وَڄائي گيت ڌرتيءَ جا
ورهائي مَڻ مٺاين جا
ملهايون ايڪتا جو ڏڻ
سدائين موج مستيءَ ۾
وَهي پيو ٻارهوئي شل
ڪنڌيون مهراڻ جون پيئي
رهن سرسبز ۽ سايون
ڪبوتر مور ڳيرن جون
جتي لاتيون مٺيون گونجن
چمن پيا پوئر گلڙن کي
گل و گلزار ڌرتي ٿئي
لڳن هيرون ڏکڻ واريون
ٻلاري پونءَ پنهنجيءَ تي
ڪڪر رحمت سندا برسن

پنين پارن مَٿي ساوڪ
رهي سرهاڻ ڪيتن ۾
خوشيون گهر گهر اچن موٽي
ڏکن جا ڏينهن وڃن ٽڙجي
غمن ۽ درد ڳَٽيءَ جي
گُهٽيل موسم منجهان نڪري
وڏا ڪي ساهہ ڪٽي سک جا
خدا جا ”سوز“ شڪرانا
مَچي سک سان جيون گڏجي
ثقافت سنڌ پنهنجيءَ لئہ
امن جا گيت آلاپي
پيتائيءَ ۽ سچل جو سچ!
ڏيون پيغام هر ڪنهن کي
اسين رکوالا ٻوليءَ جا
اسان جو دين آ الفت
اسان جي آ مٺي ٻولي
امن ايڪي ثقافت جو
ملهايون ڏينهن مُرڪن سان.

■

# سگھو سار لھي وچ

مَتي چار مُندون ويون سالَ ۾ ڏِس
الئہ چا تہ گذري ويو ڪالھہ ۾ ڏِس
پڇي انب پيلا ٿيا پال ۾ ڏِس
وڍي انب ٿارون رکيم ٿالھہ ۾ ڏِس
ٿيا طعام مون لئہ اوھان بن ڪسارا
سگھو سار منھنجي لھي وچ خدارا!

لنوي ڪانگ گھر جي اڱڻ تان اُڏامي
ڪري ڪوڙ سوچون پئي دل اُپامي
ڪڏھن دل سڙي ۽ ڪڏھن ٿي اُجھامي
رڳو نا اُميدن ھٿان ٿي ڪُسامي
پيا نيڻ روئن اوھان لئہ اُجارا
سگھو سار منھنجي لھي وچ خدارا!

پئي شاخ جَرَ مان وھي تار جاني!
پيا راند ڪُنڌري ڪڏن ٻار جاني!
ھوا تي وٽن جا لڏن ٿارَ جاني!
اوھان جي اسان کي لڳي سارَ جاني!
اڱڻ تي اسان جي ھلي آ پيارا!
سگھو سار منھنجي لھي وچ خدارا!

وٽن اوت ۾ آ ڪئي ڪوڪَ تاڙي
مٿان تيز ڪاڙھو پيو ھانءُ ساڙي
رُنا نيڻ ڏاڍو گرم لڙڪ ڳاڙي
پرين ڪونہ آيا جنم جي ڏھاڙي
ڏکن ۾ ٻڌي "سوز" ھيڪر سھارا
سگھو سار منھنجي لھي وچ خدارا!

# وقت مليو تہ وري ملنداسين

وقت مليو تہ وري ملنداسين
نينهن نہ ٽوڙي ڇڏبو اڌ ۾
ساٿ سلامت رهندو پنهنجو
ڏک ۽ سک ۾ ساٿي هردم
عشق عقيدت جي ئي وڻ کي
پرت وفا جو پاڻي ڏيئي
سردي گرمي جيون ۾ گاڏو
گهاٽي واڏي ڏکڙو آهي
من جي اُجري صاف ڪڏهن پيي
سوچ ٽيڙ ميري نہ ڏينداسين
توسان هيج اُهو ئي رهندو
تِرَ! نہ برابر گهَٽبو جانان!
وقت پلي کهڙو بہ اچي پر
عشق اُتم اعليٰ ئي رهندو
ڪندو پرور پاڪ پلائي
ڳٽتي سوچ فڪر ناهي ڪو

تون ئي جانب جند جياپو
تنهنجون يادون ساڻ هينئين ۾
تيسين مون وٽ مُحب امانت
جيسين دوريون دور ٿين سڀ
ساهہ سڳو جيسين مَن سُرندو
لوڪ سڄو پيل هڪڙي پاسي
نُنهن چوٽيءَ جو زور لڳائي
توڪل ترهي تي من تَرندي
سمنڊ ڏکن جو پار ڪنداسين
توسان سِر جو سودو آهي
وقت نہ ويري ٿي پئي پنهنجو
باقي ڪنهن ۾ ڪو دم ناهي
پنهنجو ساٿ ڇڏي ڪو ٽوڙي
سونهن وفا جي ديوي تون آن
منهنجي سپنن جي تون راڻي
توبن منهنجي ذات نہ ڪائي
تون ئي منهنجي "سوز" سُڃاڻپ
تو ڪاڻ مِٽي جڳ ۾ جيئنداسين
وقت مليو تہ وري ملنداسين.

■

# اجان ياد آهن

اجان ياد آهن پُراڻا ٽڪاڻا
اجان ياد آهن ملڻ جا ته ٽاڻا
اجان ياد آهن سخن روح راڻا
اجان ياد آهن سنڌءِ محب ماڻا
سڀئي ناز انداز واريون ادائون
وساري سگهي دل نه تنهنجون وفائون

اجان ياد آهن لڙي شام جا پَل
اجان ياد آهن پکين ـ لام تي هُلَ
اجان ياد آهن ٻِلو ويَس پاتل
اجان ياد آهن پنل نيڻ ڪاجل
سنڌءِ زلف ڪارن سنديون ڪي گهٽائون
وساري سگهي دل نه تنهنجون وفائون

اجان ياد آهن اُهي ڏينهن راتيون
اجان ياد آهن لڳل قرب ڪاتيون
اجان ياد آهن گڏيل يار ڇاتيون
اجان ياد آهن چپن ۾ نه باتيون
سَتو لوڪ ڪان ٿيو نه توڙي وڏائون
وساري سگهي دل نه تنهنجون وفائون

اجان ياد آهن آڪن تي ڦُلارون
اجان ياد آهن پکين جون اُڏارون

اجان ياد آهن نماڻيون نِهارون
اجان ياد آهن پرين هي بهارون
ٻَڌي هٿ وچڙ لئہ ڪيون تو صدائون
وساري سگهي دل نہ تنهنجون وفائون

اجان ياد آهن اُهي پوڳ چَرچا
اجان ياد آهن پيري چانهہ سُرڪا
اجان ياد آهن ڏنئي ٺهڪ هَلڪا
اجان ياد آهن سندءِ ماءُ دَڙڪا
سڪن جون هيون روز گهلنديون هوائون
وساري سگهي دل نہ تنهنجون وفائون

اجان ياد آهن ملڻ روز تنهنجا
اجان ياد آهن ڏنل *روز تنهنجا
اجان ياد آهن سخن "سوز" تنهنجا
اجان ياد آهن مٺي پوز تنهنجا
وري دل ڪري پئي مِلڻ لئہ سُڪائون
وساري سگهي دل نہ تنهنجون وفائون.

■

* روز: گل Rose

## هٽي اسلام جو نعرو

هٽي اسلام جو نعرو
ڪيو تنگ طالبانن آ
سڏائي پاڻ کي مسلم
ڪري هُو ڏِنگ تبليغي!
پيا هر شهر ۾ پڪڙي
ٻڌي بم چيلهہ پنهنجيءَ ۾
عِبادت گاهہ جِي تَـنَ کي
سدا ڪن خون سان ريٽو
چون: آهيون جهادي سڀ
سني شيعا وهابي ۽
جَنو ڪو قاديانين جو
سڏائين پاڻ کي اعليٰ
الله جل شان آ هڪڙو
رسولِ پاڪ پيغمبر
ڪلامِ پاڪ ۾ هڪ آ
آمن ۽ ڀائيچاريءَ جو
ڏنل ۾ درس جنهن ۾ آ
حديثِ پاڪ پيغمبر!

سدا ترميم تنهن ۾ ٿا
ڪري مسجد اندر واعظ
قرآني آيتن سان گڏ
دنياوي ۽ سياست جون
ڪِنيون ۽ بي روا ڳالهيون
ڪري بڪواس روزانو
سڏائين ٿا وڏي واڪي
وڏا حقدار جنّت جا
اسين آهيون اسان جون اُت
سوين حورون ڪنديون خدمت
لکين معصوم جانين جو
ڪري قتلام هي ظالم
لَڄائي دين پنهنجي کي
سدا اسلام جي نالي
وٺي خيرات غيرن کان
جسم هڏ خون ماڻهن جو
وڏي ٿا ريتَ ۾ وڪڻن
شريعت جي تہ نالي ۾
لِکي من گهڙت کي نسخا
ڪري گمراهہ ماڻهن کي
پيتا خوري ڪري پنهنجي
پيا ڏس پيٽ کي پالين

■

# چَپَ ڪُنوارا چُمان

بس رڳو هڪ دفعو زندگيءَ ۾ مِلون
بس رڳو اک هڻي خوب مُرڪي کِلون
بس رڳو ٻانهن جا هار پائي ٽِلون
بس رڳو هٿ هٿن ۾ ڏئي گڏ هلون
رات تو وٽ رهي زلف ڪارا چُمان
ها اِها آس آ، چَپَ ڪُنوارا چُمان

بس رڳو درد جي رات ڪاري ڪُٽي
بس رڳو غمزده سوچ ساري ڪُٽي
بس رڳو آهه تي آهه زاري ڪُٽي
بس رڳو ڳل مٿان لڙڪ لاري ڪُٽي
سج ڀَسي سک سندو چنڊ تارا چُمان!
ها اِها آس آ، چَپَ ڪُنوارا چُمان

بس رڳو غير کان اک بَچائي هَلون
بس رڳو دوستي کي نڀائي هَلون
بس رڳو ڏک وٺي سک ورهائي هَلون
بس رڳو سک سندا گيت ڳائي هلون
تون جتان من مَـتين سي ٻہ چارا چُمان
ها اِها آس آ، چَپَ ڪُنوارا چُمان

بس رڳو مُند ڪا مينهن واري ٿئي
بس رڳو گل ٽڙن سبزداري ٿئي
بس رڳو غم وڃن دل اڇاري ٿئي
بس رڳو پاڻ ۾ قربداري ٿئي
سونهن سچ جا لِکي گيت سارا چُمان
ها اِها آس آ، چَپَ ڪنوارا چُمان

بس رڳو روھ تان محب ڪونجون ورن
بس رڳو ھت امن جا ڪبوتر اُڏن
بس رڳو ناھ ڪيئي نڳيءَ جا ٿڻن
بس رڳو پرت مان من پريمي ملن
سونهن وارا، پيارا نظارا چُمان
ها اِها آس آ، چَپَ ڪُنوارا چُمان

بس رڳو سنڌ جو پاڪ دامن رھي
بس رڳو ھي نظم "سوز" ضامن رھي
بس رڳو ڦل پڪل وڻن جي لامن رھي
بس رڳو پونءَ جي پرت ھر من! رھي
جيت پنھنجي ٿئي ڏڻ سُڪارا چُمان
ها اِها آس آ، چَپَ ڪُنوارا چُمان

# سياسي وڏيرو

سياسي وڏيرو، وڏي پيٽ وارو،
هي ڪنهنجو بہ هرگز سچڻ ڪو نہ ٿيندو.
هي مسڪين بيوس، اپوجهن جو دشمن،
هي پنهنجو سدا پيٽ پريندو رهي ٿو.
هي ڪوڙو منافق، وڏو ٺڳ ازل کان،
هي ٻنيون ڪسي ۽ ٿو ونيون ڦٻائي،
هي چورن، لُٽيرن جو ساٿي پراڻو،
هي چوريون ڦرون ۽ ٿو قبضا ڪرائي،
هي رهزن دغاباز پنهنجا نوازي،
هي مظلوم هارين سندو رتو پيئي ٿو،
هي ڪٽيو سمورو وچي ان ڪري مان،
هي ناحق غريبن جو ويري ٿيو آ،
هي پاپي وياجي، بٽيو آهي حاجي،
هي پنهنجو هلائي حڪم بيوسن تي،
هي زناني زميندار، بي پير نپٽو،
هي گاڏي وڏي ۾ ڪري ٿو تڪبّر،
هي پنهنجي خدا کان ڊڄي ڪو نہ ڪنهن پر،
هي چڙواڳ گهوڙي مثل دٻدٻي سان،
هي ڌرتي تي دهشت پکيڙي ٿو هر دم،
هي سمجهي پيو بادشاهي سندس آ،
مگر هن مُئي کي خبر ناهي شايد،
اُتي خير شر جو، چٽو سامهون ايندو،
وڏيري کي جوڳي سزا خوب ڏيندو.

■

# غزل



اسلام علیکم!

سب سے پہلے تھوڑی سی گفتگو شاعری کے حوالے سے ہوجائے! شاعر اور شاعری کیا ہے؟ شاعری ایک بہت ہی اعلیٰ فن ہے جو ہر آدمی کے بس کا کام نہیں!

شاعر ہی اعلیٰ مائینڈ ہوتا ہے ہر وقت ، ہر دور میں جو ہمیشہ وہ فیل کرتا ہے اور وقت کا کوئی بھی حکمران یا جابر انسان اس کا کچھ نہیں بگاڑ سکتا۔ شاعری ہماری ملک کے اردو، سندھی، پنجابی، سرائکی، پختون ، بلوچی کلچرز کو زندہ رکھتی ہے اور ہمارئے ملک کے تمام ادبی ثقافتی تمام کلچرز ان شاعروں کی بدولت ہی زندہ ہیں، مسٹر واحد "سوز" ملاح صاحب ایک بہت ہی بلکہ بہت ہی اعلیٰ مائینڈ شاعر ہیں اور اس کی سندھی شاعری کی تقریبا چار بکس مارکیٹ میں موجود ہیں۔ "سڈ، سڈکا، سارون" (سڏ، سڏڪا، سارون) ونجایل مرک جی گولا"(وڃايل مرڪ جي ڳولا) "سوچوں، ساگر ،ویروں،" "سک اور سوز ،" اور اب ماشاءاللہ، اللہ پاک کے کرم سے پانچویں بک "گیڑو رتا خواب" جو حال ہی میں شائع ہوکر مارکیٹ میں آرہی ہے۔

واحد "سوز" ملاح بہت اچھے زندہ دل شاعر ہیں! میری اللہ بزرگ و بترک کی بارگاہ میں بیشمار دعائیں کہ وہ عظیم ذات! مسٹر واحد "سوز" ملاح صاحب کو شاعری میں

اعلیٰ مقام، عزت و شہرت و سربلندی عطا فرمائے۔ آمین۔

ایک چھوٹے سے شعر پر اختمام کہ:

"واحد! تیری ذات سے پہلے پیغام رسان اور بھی ہونگے،
رہے دنیا میں نام تیرا! تجھ پر بیان اور بھی ہونگے۔
العارض

# حمیدہ پروین

**اردو، سرائکی، شاعرہ**
**صحافی ممبر پریس کلب**
**مخدوم رشید ملتان شریف**

پوپٽ جا پَرَ وڏيا سُندر،
رَنگ اکين ۾ ٻَڌيا سُندر.

ڳاڙها ساوا نوٽ هٿن ۾،
ڪيشيئر ويٺي ڳڻيا سُندر.

هُن جي مُرڪ چپن تان موتي،
محفل ۾ لڪ ڇَڻيا سُندر.

نِيرن نيڻن ۾ ٽا پَسجن،
هيرا موتي مَڻيا سُندر.

الفت ۾ هر وقت حَسينن،
پيرَ وفا جا ڪڍيا سُندر.

”سوز“ سُکي سنڌ جيئي جڳمڳ،
سوڍا پُٽ جنهن ڄڻيا سُندر.

♡

وٺو جي مينهن ماڳن تي وطن گُلزار ٿي پوندو،
آمن سک شانتيءَ سان هي چمن مَهڪار ٿي پوندو.

ڪري گجگوڙ ڌرتيءَ تي چئوماسو جڏهن وسندو،
سڪيو سائو ستابو ملڪ هي چوڌار ٿي پوندو.

خدا خود خاص ڪندو مهر جي مسڪين مارن تي،
غمن ڏک سور صدمن کان جياپو ڌار ٿي پوندو.

مَريڙو ساڳ ڪَتلاٽي ڪِرڙ گولاڙ ۽ ڪَنبڙا،
سنگهارن جو سَرِ بازار ۾ واپار ٿي پوندو.

چڙهي جي چنڊ چؤنري پر وڇايون چاڳ چاندوڪيون،
سمورو ٿر اڇو اُجرو مثل سينگار ٿي پوندو.

جڏهن سَرسبز ٿي پونديون ڪنڌيون مهراڻ جون پيئي،
پَسي ڇوليون خوشيءَ ۾ پوءِ تہ هرڪو تار ٿي پوندو.

♡

اسان جي سنڌ ڌرتيءَ کي اڇي ويرين وَڪوڙيو آ،
انهيءَ ڳڻتيءَ فڪر دل کي صبح سانجهي ڏَلوڙيو آ.

سدائين سنڌ سانگين جي غريبي حال تي سوچي،
اسان پنهنجو ذهن ماتي مَهي وانگي وِلوڙيو آ.

سياسي ٺڳ وڏيرن جي رڳو سَڪڻ دلاسن تي،
ڪري سڪ جون سَڏون مسڪين ماڻهن خوب لوڙيو آ.

امن جون جِن هنبوڇيون ٺي هنيون هر موڙ تي هردم،
اُنهن هٿ ساڻ پيڙو قوم پنهنجيءَ جو تہ ڀوڙيو آ.

هتي سڪ جي گلابن جي ڪلي هرڪا ٽڙڻ کان اڳ!،
ستمگر سوچ سان تنهن کي دنيا بيدرد توڙيو آ.

امن سڪ جو جنازو پيو ڪڇي هر روز ڌرتيءَ تان،
رقيبن بي وجہ ماحول کي ناحق وڱوڙيو آ.

اسان کي هر سياسي رهنما ڪوڙا ڏٽا ڏيئي
ڪيڏي مطلب سدا پنهنجو وري پوءِ منهن موڙيو آ

غلاظت گندگيءَ ۾ وئي وطن جي سونهن سَڀ اُجڙي
مِليو ڪنهن موڙ تي ناهي امن کي روز ووڙيو آ

هتي رهزن بنهہ پاپي غريبن جي تہ دشمن کي،
شرافت جو لقب ڏيئي عدالت ڇوٽ ڇوڙيو آ.

اسانجي پاڪ ڌرتيءَ جو امن ڪيئن آ ويو اُجڙي،
ڪڏهن ڪنهن پيي نہ سوچي راز هي باطن ٻروڙيو آ.

صفا ڌارين منجهان اڄجي ويا اهڙا آهيون يارو!
اسان ناحق انهن سان دين جو ناتو تہ جوڙيو آ.

اسان جي ديس جو دشمن ٻڌيو آ ”سوز“ جيڪو پيي،
اسان هر سوچ پنهنجيءَ جو مٿس پونڊو ڳروڙيو آ.

♡

آچانڪ ويون ٿي اکيون چار بَس ۾،
اکين ئي اکين جو ته اظهار بَس ۾.

ڇڏي ڪم ته منهنجا ويا هوش هَرَئي،
نشو نينهن جو ويو چڙهي تار بَس ۾.

نگاهون ملڻ سان بنا ڪنهن به قيمت،
دلين جو ٿيو خوب واپار بَس ۾.

پڪي ڪير ڪهڙي هُيا ماڳ جا پَر!
اسان پيار تن تي وڌا ڄار بَس ۾.

حجابن ڪي ٽوڙي اسان عشق واري،
ڪُڏي راند اوکي بڻي ٻار بَس ۾.

متان ڪير سمجهي وٺي هيءَ پرولي،
مگر ڪونه ورتو سَماچار بس ۾.

گهڻو دل ٿي چاهيو وجهي ٻڪ ملون پر،
ائين هو ڪرڻ يار! دُشوار بَس ۾.

جڏهن وقت آيو جدا ٿي وڃڻ جو،
تڏهن "سوز" لڙڪن ڪئي لار بَس ۾.

♡

هٿن ۾ گرم هٿ اوهان جو ڪَپي ٿو،
مُلائم نرم هٿ اوهان جو ڪَپي ٿو.

پشم وار يا ڪي بهارِ چمن جيان،
نِماءِ ارم هٿ اوهان جو ڪپي ٿو.

سفر دوستيءَ جو ڪبو توڙ جانان!
هميشہ ڀرم هٿ اوهان جو ڪپي ٿو.

ڪجانءِ معاف مونکي خطائون سموريون،
اسان تي ڪرم هٿ اوهان جو ڪَپي ٿو.

دنيا جي نياڱن خفن مان ڪڍي ڙي!
صنم سو خُرم هٿ اوهان جو ڪَپي ٿو.

هجي "سوز" ڌرتيءَ سندو چاھہ جنهن ۾،
اهڙو ئي ڌرم هٿ اوهان جو ڪَپي ٿو.

♡

(1) خرم: بخت وارو شاداب
(2) ڌرم: ايمان، عقيدو

موسم ۾ ٿي تبديلي آ،
جذبن تي ڀِڙڪي تيلي آ.

ماهه ڊسمبر جي سرديءَ ۾،
سوچ ٺري ٿي وئي پيلي آ.

سڪ ڏي سوري پير پٿون ٿيا،
واٽ سموري پٿريلي آ.

سور غمن جي باهه بدن تي،
دکندي رهندي بس ڊيلي آ.

من جي سبز بهاري ساري!
مند خزان جيءَ ئي پيلي آ.

درد مليا جي! مون کي تن جي،
شوخ طبيعت نخريلي آ.

جيون جاڙ سفر ويو ٻڻجي،
چاهت جي نہ چکي جيلي آ.

”سوز“ وري پيي ڳڻتي ناهي،
پنهنجو ساٿي رب پيلي آ.

♡

ڏيهہ ڏکن جو ڳڙهہ آ سارو،
کونہ سُجهي ٿو سک جو چارو.

ماڻهن جي هڪٻئي لئہ دل ۾،
نفرت جو تہ چڙهي ويو چارو.

مند نہ هڪ جهڙي آ رهڻي،
درياءَ ۾ ڪڏهن وهندو اوپارو.

کونہ نبار ملي ٿو ڇا لئہ،
روز اٿو ڪائون ٿا ڏارو.

جيون موت سندو ڪاڄ سدا،
هر ڪنهن جو آ اڇڙو وارو.

پاپين نفرت جو آ ڦهليو،
گند غلاظت گپ ۾ گارو.

کونہ سَلا ڪي موريا سک جا،
هر ڪنهن من ۾ غم جو پارو.

وکري وئي ڏس قوم سموري،
عرش مٿي جيئن تارو تارو.

”سوز“ ڪکايل ٻالڪ وانگي،
هانءُ هڇي ٿو روز ڏکارو.

♡

حياتي ڏکن ۾ پئي روز کٽجي،
کيم کوڙ حيلا نٿو درد گهٽجي.

هجر جا سوين سور ٽڪرون هڻن ٿا،
انهيءَ سوچ ۾ پيو ذهن هي ڦٽجي.

هُجي ڪوٽ الفت سندي جنهن بہ دل ۾،
ڪري ترت پاسو انهيءَ ڪان تہ ونجي.

هِتي روز وحشي تہ بازن چنبن ۾،
امن جو پکي پيو صبح شام جهٽجي.

چئي ڳالھہ منهن تي سرِ عام ڏي تون،
سندءِ روح ۾ جا پئي روز وٽجي.

سچو باغ گلزار جنهن گل سبب آ،
اُهو گل گلابي ڪڏهن ڪين پٽجي.

ڪرڻ غير سان ناھہ ٿو ايئن ياسي،
ڇڏي پَٽ متي ٽُڪَ وري سا تہ چٽجي.

رهن روح ۾ ٿا ڪري راڄ جيڪي،
انهن کان نہ منهنڙو ڪڏهن "سوز" متجي.

♡

عقل هوش جاڳي انهيءَ دم پَيوسين،
جڏهن وقت نڪري هٿن مان وَيوسين.

ڏئي ڏوهُ پنهنجي مَٿي تي رکي هٿ،
فکر سوچ ۾ سِر سراسر سَٽيوسين.

سُکن جا سيئي پل هٿن مان وڃائي،
اڙي! هي اچانڪ ڪري ڇا ڇَڏيوسين.

اسان راهہ ترقيءَ سندي ڪونہ ورتي،
تڏهن روز نقصان سِر تي ڪنيوسين.

رکي سمجهداريءَ سندي سوچ دل ۾،
نہ ڪو غور ويچار ڪنهن تي ڪيوسين.

ٽٽي دل دنيا ۾ تنهاين ۾ رهندي،
هجر ۾ اندر هي سمورو جَليوسين.

وري ”سوز“ قسمت بہ پوندي تہ جاڳي،
اجان آسرو ڪونہ رب مان پَليوسين.

♡

پاڻي بوڏن وانگي دل ڦِسڻي آ،
ڳالھہ نہ راز سندي جنھن ۾ ٽِڪڻي آ.

سونھن مٿان ٿي هيج منجھان هر کي پئي،
نازڪ اهڙي پنڙي جڻ ڪِچڻي آ.

وونءَ وجي ٿي درد هجر جي ڏک ڪان،
ميدان مُحبّت ۾ بس ڊِڄڻي آ.

عشق ۽ مشڪ سندي ڪا خوشبوءَ يارو،
لوڪ اڳيان نہ ڪڏهن هرگز لِڪڻي آ.

عشق نپٽ آ نانگ! سِپن جي اهڙي،
ڳالھہ تہ زوري ذهنن ۾ وجهڻي آ.

ڪير نہ ڀَرڪي "سوز" سگهيو اڄ تائين،
ڪنھن دم روئندڙ ۽ ڪنھن دم کِلڻي آ.

♡

سوچي سوچي ٿڪجي پوندين سوچ ٿڪڻ جي هرگز ناهي،
سوچ ذهن ۾ ايندي رهندي موت ڪرڻ جي هرگز ناهي.

رات وِهامي ويندي ليڪن! ننڊ نہ نيڻن ۾ ڪا ايندي،
اڻ تڻ سڏڪا ۽ سوچن ۾ ننڊ اچڻ جي هرگز ناهي.

ماڻهن جي فطرت ڪان شايد واقف ڪونہ ٿيو تون آهين،
ڪيڏو تن کي سمجهائي پر سمجهہ پوڻ جي هرگز ناهي.

نازڪ شيشي جهڙي دل کي ظالم وحشي دنيا ۾ تون،
سورن صدمن ڪان رک پاسي سور سهڻ جي هرگز ناهي.

سک جي موسم ساٿ ڇني آ ويندي ڪنهن پيي وقت اچڻ تي،
درد هجر جي سردي گرمي مند مَٽڻ جي هرگز ناهي.

جنهن جو قسمت ساٿ ڇڏي آ ويندي ان کي ظالم جڳ ۾،
ڪنهن ۾ ڪا بہ اميد اجائي آس رکڻ جي هرگز ناهي.

روز خيال نوان کي دل ۾ ڪونجن وانگي لهندا آهن،
سوچ وجي ٿي رلجي تن سان دور رهڻ جي هرگز ناهي.

”سوز“ هدايت ڪر لک پيرا پر نہ ڇڏيندي دلبر جو دَرَ!
پنهنجي ئي مت واري آهي دل تہ مڃڻ جي هرگز ناهي.

♡

ڏسو پرت ڪيڏي پکين جي وَلر ۾،
رهن ساڻ گڏجي سدا جهنگ جَهر ۾.

خدا خوب تن کي صبر سان نوازيو،
امن ياڻپي سان رهن ٿا صَبر ۾.

دنيا ۾ نہ ايڏو لطف چيز ڪنهن ۾،
مَزو آهہ جيڏو مُحبّت ثمر ۾.

دنيا ڏن ۽ دولت ڪٺي ڪونہ ڪو ويو،
سُتو آ نہ پئجي دنيا جي چَڪر ۾.

اصل چاڻ ڪنهن مان ملي ڪونہ سگهندي،
وڏو فرق اخبار تي وي خَبر ۾.

اسان عشق الفت حُسن تي لکيو آ،
وزن بحر تي ۽ لکيو آ نثر ۾.

ملي موت الفت سندي "سوز" اهڙي،
سدا ياد دل ۾ تہ رهندي قبر ۾.

♡

قانون هتي جو جس لَهي ٿو،
ڏس نوڙيءَ مان ڪيئن نانگ نهي ٿو.

رشوت سٽيي صاف ڏسندي آ،
پوءِ حرڪت ۾ هر وقت رَهي ٿو.

ساوا نوٽ ڏسي ڪيئن صاحب جو،
چَڙهندڙ پارو پوءِ ترت لَهي ٿو.

سيٺ وڏيري جي ئي چرچ سبب،
هيٺن تي تہ قلم خوب وَهي ٿو.

پير ڏنو جڙ تہ مُراد پُني ڪا،
اِنصاف ملڻ جو محل ڍَهي ٿو.

قانون انڌي ڪان هرڪو پڇندو،
باز ڪنان جيئن ڳيرو بہ ٿهي ٿو.

پونءَ سندي پاڳين جون لڪ جنهن ۾،
پورو سو اُميدن تي نہ لهي ٿو.

"سوز" ڏوهاري سو ئي وڏو آ،
سچ جي منهن تي ڳالهہ ڪَهي ٿو.

♡

عشق اسان جي جند وجي ٿيندو،
ساهه ۾ ڇڻ پيوند وجي ٿيندو.

روح وفا جا راڳ چوي پيو ڏس،
تنبوري جي تند وجي ٿيندو.

الفت عيوض درد دَغا دوکو،
رشتن ۾ ڏس گند وجي ٿيندو.

ياد فڪر جو تہ سڄو سيني ۾،
ڦاهيءَ جو ڇڻ ڦند وجي ٿيندو.

عشق سندو تہ سفر پار ڪجي ڪيئن،
ونگ وَڪڙ ۾ رَند وجي ٿيندو.

احساس سندو جذبو تہ دلين مان،
گهٽجي آخر بند وجي ٿيندو.

سار پرينءَ سان روح سندم روڄي،
روز مِٺو گُلقند وجي ٿيندو.

”سوز“ پَنو جيون جو وتجي ڏس،
ڇڻ تہ بهارون چند وجي ٿيندو.

♡

ڪڏهن هن قوم جي قسمت مٿي ويچارجي ويهي،
ٻٽي بدبخت ڇو آخر ذهن بيدارجي ويهي.

امن ۽ پيار جي ڌرتي تپي ٽامون وئي ٻٽجي،
حقيقت حال ماضي جي سچي اظهارجي ويهي.

سڪونت سانت جا ڳيرا ڪبوتر هيٺ لهندا پر!
مُحبّت مِيٺ لفظن سان ڪِلي ڳتڪارجي ويهي.

سموري قوم وڻ وڻ جي تہ ڪاني ٿي وئي وِڪري،
انهيءَ ڪي پيروسي جوڳو ڪري سهڪارجي ويهي.

محبّت جا سلا ساوا ڦُٽي ڌرتيءَ مٿي پوندا،
گلابن جو گسن تي جَر وري ڇتڪارجي ويهي.

رڳو ڪفلت سبب اُجڙي چمن ڌرتي سندو ويو آ،
وفا جي مُرڪ خوشبوءَ سان وري سينگارجي ويهي.

♡

اسين غرقور ڳِڙتين ۾ اسان کي سُڌ نہ ڪائي آ،
اسان جي ملڪ ۾ يارو! ڇون ٿا عيد آئي آ.

لٿا ميرا ڇَتين وارا پيلا پهري وڃون ڪيڏانهن؟
غريبت جي غمن سورن سڄي هيءَ جان گهائي آ.

اسان کي عيد واڌايون هِتي ڏيندو نہ ڪو وٺندو،
اسان ڄڻ شهر پنهنجي ۾ عمر گهاري آجائي آ.

اُتي کهڙيون ڪجن عيدون ڏجن ڪيئن عيد واڌايون،
جتي مسڪين ماڻهن کي ملي سک جي نہ پائي آ.

پيلي عيدون اُهي ٿي ڪن خوشيون جن سان سدائين گڏ،
اسان جي حال غربت هيءَ حياتي وهہ بنائي آ.

رڳو دهشت سندي بدبوءِ پئي هر موڙ تي پَسجي،
انهيءَ ماحول ۾ سک جي رکڻ تمنا آجائي آ.

لڏي وئي لوڪ مان الفت اچي ويو دؤر ڪلفت جو،
فقط پنهنجي تہ مطلب جي وڏي ويئي وَبائي آ.

اُنهن جي ”سوز“ مک تي رب سدا مُرڪون رکي قائم،
نوان پائي وڳا جن عيد پنهنجن سان مَلهائي آ.

♡

سونهن ثقافت سنڌ وَندن جي،
ٻولي مٺڙي پيار اَمن جي.

آجرڪ ٽوپي وارن جي ڏس،
سندر ڪيڏي لوڏ لڪن جي.

مون کي سڀ ڪان وڌ آ وڻندي،
واهڻ وستي سنڌ چَمن جي.

مور ڪبوتر ڳيرن ساموهن!
ٻولي وڻندي ڪونج پکن جي.

ٻاتا جن جي ٻول لبن تي،
ٻالڪ سي پهچان وَطن جي.

ساوڪ ۾ سرهاڻ پَسي آ،
سونهن وٽي مهراڻ ڪَپن جي.

رنگ ثقافت جا پيا جَرڪي،
ڳالهه وڏي آ ويس وَڳن جي.

”سوز“ الله تي توڪل آهي،
ڳُڻتي ناهي درد غَمن جي.

♡

سورَ اکين جي هردم اوڙا،
جيون ٻٽيو دڙِڪا لوڙا.

خواب سڙي سپ رک ويا ٿي،
جيئن سڙن ٻيرن جا چوڙا.

نينهن نمازون پڙهندي پڙهندي،
ڦٽجي پير پيا ٻئي گوڏا.

فطرت کان مجبور ڏنا مون،
انڌا منڊا ڪاٽا روڙا.

جيون جاڙ سفر ۾ آيا،
روز اُنن جيڏا ڪئين لوڙا.

دل ڏرتيءَ تي درد هزارين،
سمنڊ ڪنڌيءَ چڙ وکريل کوڙا.

”سوز“ لڳي ٿو ڏپ ماريندو،
موت ڏسي ٿو ڦاڙي دوڙا.

♡

چَري تو چاهه جي چادر چِڏي ليڙون ڪَري آخر،
دلين ۾ زهر نفرت جو ڇڏيو ناحق ڀَري آخر.

غمن جي ڳَن گهري ۾ ٻڏي وئي نانوَ سوچن جي،
فڪر ۾ ساهه مُٺ ۾ آ ٻُڏل پيڙي تري آخر.

وچن ۽ واعدا جيڪي ڪيا تو ڪونه پاريا پر!
اجان ڀي آسرو آ واعدو من کو ڀَري آخر.

جيئڻ جي آس جا جُگنو اڏاميو ڏور پيا اُڏرن،
اِچيو ٿي خودڪشيءَ جي سوچ ڀاڪر ۾ ڀَري آخر.

هينئين ۾ سور سوچن جا ڀيڙ هر روز ٿا ڀَڙڪن،
ڪيم ڪَنَ تـار ڏاڍي پَر نٿو سينو ٺري آخر.

اسان جي پيار جو پنڇي تنواري روز تاڙي ٿو،
ٻڌائي ڪيئن مٺا ماڻهو اوهان جي ٿي سَري آخر.

فقط احساس جا ئي هٿ مَلي افسوس ڪر مورک!
ويل جو وقت هٿ مان سو ڪڏهن ٿو ڪيئن وَري آخر.

اجان خود پاڻ ڀي سمجهي سگهيو ناهيان سندم دل کي،
الئه ڇو بيوفا جي ڪاڻ ٿي ايڏو مَري آخر.

♡

الوداع جو ٻُڌي،
دلربا دل ڏُٻي،

تو ڇيو پئي وڃان،
ڇڻ مٽان وڃ ڪري.

التجائون ڪيم،
ڪونہ تو هڪ ٻُڌي.

پيار ۾ هار ۾،
ٿي لڇي زندگي.

وقت ويريءَ ڪئي،
يار! ويڌن وَڌي.

راس آئي نہ آ،
تو سوا هر خوشي.

آس هرڪا ڪُٺي،
چوٽ اهڙي لڳي.

”سوز“ توڪان ڇڄي،
رات روئندي ڪَٽي.

♡

دردِ مليو دل روئي وَنجي،
ڳوڙهن سان منهن ڌوئي وَنجي.

هڏڪي تيز ٿئي ٿي جنهن دم،
دلبر جو نالو ئي وَنجي.

نازڪ نينهن ڳنڍي پوءِ يڪدم،
پيچ ڪري پختو ئي وَنجي.

جڳ ۾ سک سان جيئڻ جو ڪو!
ڪنهن کان رايو ڪوئي ونجي.

پنهنجي مُڙسيءَ سان حق پنهنجو،
دشمن کان تہ سَچو ئي وَنجي.

سونهن نگر جو سير ڪرڻ لئہ،
رستو پوءِ دل جو ئي ونجي.

”سوز“ وڪر دل کي تہ وٽي جو!
پهچ مطابق سوئي وَنجي.

♡

وفا جي سِلي ۾، جفا ٿيو وڃي ٿي،
بَشر آ، بَشر کان خطا ٿيو وڃي ٿي.

جڏهن پيار ۾ ڪو مِلي درد غم ٿو،
سڄي زندگي پوءِ سزا ٿيو وڃي ٿي.

رڪي سَدَ سکن جي جيئڻ ڪو گهُري ٿو،
تڏهن هر خوشي لاپتا ٿيو وڃي ٿي.

طبيعت رُڪي شوخ محبوب سامهون،
پٺر دل مُلائم صفا ٿيو وڃي ٿي.

ڪڏهن شومَ ظالم بنهه بيوفا ڪان،
ذري قرب جي ڪا ادا ٿيو وڃي ٿي.

حياتي مٿي ڪين بانور ڪجي ڪو،
حياتي ڪڏهن بي بقا ٿيو وڃي ٿي.

دنيا جي خفن ۾ ڪڏهن نينهن واري،
نماز بہ پڙهڻ ڪان قضا ٿيو وڃي ٿي.

عجب عشق ۾ "سوز" رکيل راز ڪهڙو،
دوا ۾ دعا لادوا ٿيو وڃي ٿي.

♡

ماڪَ ڦُڙن جيئن پاڪ مُحبّت،
پنهنجي آ بيباڪ محبّت.

جڳ ساري ۾ سُهڻل سائين،
هلندي پنهنجي هاڪ محبّت.

لوڪ نہ تن کي ٿوڙي سگهندو،
جن جي آ چالاڪ محبّت.

جادو نگريءَ جهڙي تنهنجي،
ڇڻ تہ لڳي ٿي ڪاڪ محبّت.

هاڻ جياپو مون لئہ تون آن،
منهنجي تون خوراڪ مُحبّت.

”سوز“ ڪنوارا زلف ڇمڻ جي!
منهنجي آ هيراڪ محبّت.

♡

ڪنوارن هٿن سان تہ پاڻي پياريئي،
قسم سان ڪتل کي نئين سِرِ جياريئي.

ڪولي زلف ڪارا تہ گھاٽا مٿان مون!
ڪري چانوَ دل جا سپئي ٽڪ وِساريئي.

صفا حُور جھڙي لڳين تون صنم ٿي،
اسان کي تہ اھڙو احساس ڏياريئي.

سڪون رات ساري تہ ڪيڏو مليو ھو،
سندءِ بخملي ٻانھن تي من سُمھاريئي.

ٻَري چرڪ سپني سھاني مان اُٿيس،
ڪري ڪِتڪتوڙي صبح جو اُٿاريئي.

ڪئي تو وڇڻ جي وِيم ساھ نڪري،
ڪري الوِداع ٿي نماڻي نِھاريئي.

سچو پيار سھڻي سسئي جي مثل تو!
ڪري ڳوٺ ۾ ڳالھ پنھنجي ٻِھاريئي.

ٻَري "سوز" پنھنجي ڪُنوارن ٻڪن ۾،
جنت جا نظارا اکين ۾ ڏيکاريئي.

♡

ڇُميون چاهتون سڀ وساريون نہ هونديون،
مِٺيون قلب تان سي ملهاريون نہ هونديون.

سُرهي شام ويلي مِلڻ خوب پنهنجو،
وساريون گهڙيون سي سونهاريون نہ هونديون.

سڄي رات روئي تڪي راهہ جانم!
سُتيون محب اکڙيون ڪنواريون نہ هونديون.

رُسي پل خوشين جا تہ وينديون سُهانا،
اڱڻ تي اُهي اڄ بهاريون نہ هونديون.

اسان جيئڻ ويهي سڄي رات جانان!
ڪيون ڪنهن بہ اهڙيون ڪچاريون نہ هونديون.

سندم ياد جون ڪونجون من جي اڱڻ تان،
ڪري ”سوز“ ڪاوڙ اڏاريون نہ هونديون.

♡

نينهن اڃان نبري نہ سگهيو آ،
دل جو پٿر پِگهري نہ سگهيو آ.

روز تريون ڏئي تڙيان ليڪن!
دل مان غم نِڪري نہ سگهيو آ.

هردم هن جي ياد هينئين ۾،
منٿ بہ ڪو وِسري نہ سگهيو آ.

هر پل وهہ جيئن لَهجو هُن جو،
پل ڪو ٿي مِصري نہ سگهيو آ.

مُرڪ سندو ميناج لبن تي،
پل بڻجي لِپري نہ سگهيو آ.

صحرا من ۾ سڪ جو ڪوئي!
سنگ اڃان نِسري نہ سگهيو آ.

عشق سندي اڄ تائين ڪوئي،
پاس ڪري ڍِڳري نہ سگهيو آ.

درد هجر ۾ ڪوماڻو جو!
”سوز“ ڪڏهن نِکري نہ سگهيو آ.

♡

قرب ونڊڻ جي عادت دل ۾،
چانڊوڪيءَ جي چاهت دل ۾.

احساسَ اجارا روز لُڇن ٿا،
ٿر! وارياسي حالت دل ۾.

قاتل نظرن سان قربت جي،
روز ڏيو ٿا دعوت دل ۾.

معصوم اُميدن جو تو ڪيو،
روز قتل ۽ غارت دل ۾.

الفت جو اظهار ڪرڻ لئہ،
ساري نہ سَگهيس طاقت دل ۾.

آس وجي ٿي پوري هِڪڙي،
”سوز“ رهي شل راحت دل ۾.

♡

پوپاڙيءَ جا پاڇا جيون،
ٻڌجي ويو ڇا مان ڇا جيون.

بيوس بار ڪُلهن تي گَهلي،
درد غمن جا لاشا جيون.

لوھ قلم جو لکيو پوڳي،
ڏِڏڪا لوڏا ٿاٻا جيون.

سوچ فڪر جي ڪات ڪيو آ،
سيرون پائي پاڱا جيون.

توھ مثل ويو ٻڌجي پنهنجو!
ڪيڏو آمرت ڏارا جيون.

چوٽ لڳي ويو ڇيهاڙيون ٿي،
ريشم سُٽ جيئن ڌاڳا جيون.

”سوز“ سکن جو پل ڪو ناهي،
ٿي پيو ڪِرچيون ڪاوا جيون.

♡

ڪڏهن سِير ُيا اڌ ڪڏهن پاءُ آهي،
هينئين ۾ تہ چپندو رهيو گهاءُ آهي.

خزان مُند وانگي رهي دل جي ڌرتي،
بهارن سان رهيو نہ منهنجو نياءُ آهي.

وفا جي سِلي ۾ سدائين اسان سان،
رهيو دوستن جو تہ انياءُ آهي.

سدا نا اُميديءَ سندو دل پَڌر تي،
تِکو تيز ڪوسو رهيو تاءُ آهي.

عَجب بدنصيبي اسان جي ڏسو هيءَ،
سڄڻ سان ٿيو ڪونہ سَرچاءُ آهي.

ڏکن ۾ ڏريل حال هيٺي مٿي هِت،
ٿيو ڪونہ ڪنهن کي بہ ڪهڪاءُ آهي.

ڪڏهن راحتن جي مِلي ڪونہ لولي،
رهيو روح ۾ ”سوز“ پڇتاءُ آهي.

♡

ٻالهہ منجهان ٻي ٻالهہ ڏِگهيريون،
الفت اهڙيءَ ريت نِبيريون.

بيشڪ ڪنهن کي ناهن وڻنديون،
سچيون ٻالهيون تيز تِکيريون.

زلف هوا ۾ اڏري وکرن،
ايئن وفا جا لفظ وِکيريون.

داغ نہ دوکي جو ڪو رهجي،
توڪل جر ۾ قلب وِچيريون.

پَرم وفا جي ڏوريءَ جون من!
ڳنڍيون رکبيون ڪين ڍِليريون.

عشق مَتان جي سرگهوري ويا،
تن جون ٻائي لوڪ دِليريون.

اُلفت جي گاڏي کي جانب،
گهاتي واڏي ”سوز“ ڏِکيريون.

♡

ڪونہ دل جون مُرادون پُڄيون عيدَ تي،
ڪنهن نہ ڏنيون اُڏاريون خُوشيون عيدَ تي.

وقت ڪان جي سنپالي رکيم روح ۾،
حَسرتون هن دفعي سي ڪُٽيون عيد تي.

آرزوءَ جون ڪَليون گل ٿيڻ ڪان اڳي،
دَردَ ڪاڙهي تپش ۾ لُڪيون عيدَ تي.

درد دوري ستم جي نہ موسم مَٽي،
ڪونہ سک جون هوائون گُهليون عيدَ تي.

رات روئي لنگهڻ جي! ستا تن سنديون،
اي خدا ڪنهن نہ دانهون ٻُڌيون عيدَ تي.

واٽ محبن سندي ڏي تڪيندي اکيون،
نيٺ مايوس ٿڄي رُنيون عيد تي.

بيوسيءَ جي جياپي سنديون قلب ۾،
سوچ جون ڪوڙ ڪاتيون ڪُپيون عيد تي.

ڪونہ درشن ڪري دلربا جو سگهيون،
”سوز“ نظرون وِڇايم رُڪيون عيدَ تي.

♡

ڪَشمور ڪراچي ۾ ڪينجھر،
سنڌ سَموري دلڪش منظر.

رنگ ڏسي سونھن ثقافت جا،
من جو مھڪي پيو آ مندر.

ايڪي جو اڄ ڏينھن مَلھايون،
گڏجي سڀ ياٿر ۾ پينر.

ڪي ٿي اين ڪشش ٿي وي تي،
رنگ ثقافت جا ڏس سندر.

قرب مُحبّت جا ھي ميلا،
مَچندا رھندا سنڌ جي اندر.

سنڌي ٻولي جيجل لولي،
ورجايون گڏ ساٿي ھرھر.

”سوز“ سدائين سنڌ سکن ۾،
ڏينھون ڏينھن رھي شل بھتر.

♡

سنڌ سدائين رهندي سُرهي،
مَهراڻ مِٽي وهندي سُرهي.

پرهه ڦٽيءَ جو ماڪ گلن تي،
هيج منجهان پئي لهندي سُرهي.

گل ڦل ميوا وستي واهڻ،
سونهن سپيتا ٿهندي سُرهي.

سينگار ڪري سرتيون سٺ ۾،
لائن هٿ تي مَهندي سُرهي.

سنڌ نه دنيا جي نقشي تان،
رنگ ڪچن جيان ڊهندي سُرهي.

”سوز“ امن جي سوچ هينئين مان،
ڪونه ڪڏهن پيي ٿهندي سُرهي.

♡

زلف چوڙي چڏ هوا ۾ پل لُڏن،
ڪنڌ تي واسينگ جيئن پل پيا ڪُڏن.

ڪين نظرون ڪر جَهڪيون پنهنجون پرين،
نيڻ نيڻن جي تہ ساگر ۾ ٻُڏن.

سونهن جي ڪهڙي ڪيان تعريف مان،
ساهہ سيني ۾ پيا ٽڏڙا سَوَ اُٿن.

چپ چمڪائي هلڻ هرڻي مثل،
ساز ٿا سنگيت جا دل ۾ ٻُرن.

هوبهو ٿا بادلن جهڙا لڳن،
چڻ گهٽا ڪاڪل پيا ٻڌجي هُجن.

سوچ ۾ محسوس ٿئي ٿو زلف چڻ،
نانگ سَوَ ڪارا پيا ٻُت تي سُرن.

تو چيو مُرڪي فدا مان پيار تان،
لفظ سي هر دم هينئين ۾ پيا هُرن.

”سوز“ تنهنجي سونهن تان صدقو ٿيان،
مُرڪ جا پوپٽ چپن کي ڪئين چُمن.

♡

پـَـتـي مالهي گلابي گل ڪَپائي چؤنڪ تي ويٺو،
حَسينن جي هٿن ۾ سي سَجائي چؤنڪ تي ويٺو.

ڏسي گڏ ميڙ ماڻهن جو مَداري پيٽ پوڄا لئه،
ڏسو ڏِگ ڪري پولو نچائي چؤنڪ تي ويٺو.

فقيرن وٽ پنڻ جو آ انوکو هي طريقو ڏس،
رکي گڏ نانگ ۽ مُرلي وَڄائي چؤنڪ تي ويٺو.

انعامي ۽ لَڪي اسڪيم جي رنگين سپنن جا،
ڪُپتيو پوسٽر هو ڪئين لڳائي چؤنڪ تي ويٺو.

مُسافر آڙ ۾ ڍونگي ڪرايو ٿو پني سڀ ڪان،
لڄون پنهنجون وٺيو بي لڄ لڄائي چؤنڪ تي ويٺو.

نڳي جا ناهه ناهي ڪي سڳا ڦيٽا ڪري لوفر،
سچو درويش ۽ ڪامل سَڏائي چؤنڪ تي ويٺو.

ڪري تقرير هو سڪٽي عوامي رهنما ڪوڙو،
لٻاڙي پاڻ ڪي ناحق وڻائي چؤنڪ تي ويٺو.

ٿيو جو عشق ۾ ناڪام سو سگريٽ ٻيڙين جا،
هٽي ڪشَ جانِ پنهنجيءَ کي جلائي چؤنڪ تي ويٺو.

♡

چاهت جو تو ٿوڙي ڇڏيو چنبُ ڀَري ڏي،
مُحب مياري منهنجو آهين ڏنبُ ڀَري ڏي.

اسڪول اُميدن جي تو مَرمت وارو سڀ،
ايس ايم سي جو ٻوڙي ڇڏئي فنبُ ڀَري ڏي.

ساز سوين آواز هيا ٻُرندا تہ هينئين ۾،
ڪين وڄي ٿو سيني ۾ سوگهنبُ ڀِري ڏي.

دل ڪي ڪونہ سِڪون مِلي ٿو ڪٿ ڪنهن پل ۾،
اهڙو تہ ڪري وئين تون جانان منبُ ڀَري ڏي.

سوچون سُڏڪا سور سدا اڄ تڻ ۾ آهي،
ذهن سمورو ٿي ويو آهي گَنبُ ڀِري ڏي.

”سوز“ چپن تان سور ڏئي تو جا بہ کَسي آ،
مُرڪ مِٺي سڀ ماڪي مصري ڪنبُ ڀِري ڏي.

♡

روز ذهن تي وهم وَڏن پيا،
ڳالهين جا کئين ڳوٽ ٿهن پيا.

توکي شايد ڪونہ خبر آ،
ساجن ساري اشڪ وَهن پيا.

منهنجي اُجڙيل دل ڏرتيءَ تي،
تنهنجا پور ۽ سورَ رَهن پيا.

من ۾ جوڙيم سپنن جا سي!
سوچيندي سڀ محل ڍَهن پيا.

روح رتل آڪاس ويو ٿي،
چاهت جا سڀ چنڊ لَهن پيا.

جيون ۾ ڪو ڪونہ لُطف آ،
ڏينهن ڏکن جا زهر لَڳن پيا.

يادون وڪريل ذهن مٿي چڙھ،
ٽانڊن جا ڪي ڍير دڳن پيا.

ٿوٽ چپن تي "سوز" لَهڻ ڪان،
مُرڪن جا سڀ مورَ ٿهن پيا.

♡

ڪونہ ڪِتِ توڪي پَسن راھہ ۾ رُلندڙ اکيون،
روز ٿيون سُڏڪيو پون راھہ ۾ رُلندڙ اکيون.

دور ڪنھن پيي واٽ تي عڪس ماڻھوءَ جو پَسي،
ساھہ ٿيون ٿڌڙا ڪڍن راھہ ۾ رُلندڙ اکيون.

درد آويءَ ۾ پَچي رات توڙي ڏينھن جو،
مينھن وانگي ٿيون وَسن راھہ ۾ رُلندڙ اکيون.

اجنبي ماڻھو لڳن شھر تنھنجي جا سيئي،
پوءِ بہ ٿيون تن ڏي تڪن، راھہ ۾ رُلندڙ اکيون.

ڪونہ ڪي ترسي سگھيا خواب نيڻن ۾ ڪڏھن،
ننڊ کان قاصر رَھن راھہ ۾ رُلندڙ اکيون.

مَن دريءَ مان ٿي پوي "سوز" جو درشن ڪڏھن،
پوئر جيان اڏريو وَڃن راھہ ۾ رلندڙ اکيون.

♡

دل جو دلبر مِير ڪَيوسين،
ڪنڊ مثل جيئن ڪِير ڪَيوسين.

نيڻ نشاني تي تہ لڳي ويو،
نينهن نظر جو تير ڪَيوسين.

مُرڪَ خوشيءَ سان الفت ماڻي،
روح نہ ڪو دلِگير ڪَيوسين.

هاڻ سُڪي دل هردم آهي،
اهڙو تہ ٻِلو آڪسِير ڪَيوسين.

الفت سان دل صحرا جو سپ،
مُلڪ مٿو تہ مَلير ڪَيوسين.

جُنگ نهاري "سوز" سخي دل،
سمجهہ عقل جو وِير ڪَيوسين.

♡

قرب مُحبّت ميڙن ۾ آ،
ڪونہ سڪونت جهيڙن ۾ آ.

سڪ ساموندي پار ڪرڻ لئہ،
چَڙهبو بيشڪ پيڙن ۾ آ.

ساوڪ ۽ سرهاڻ سندي ڏس ،
سونهن گسن ۽ گهيڙن ۾ آ.

ڪوڙ ڪپت ۽ فتني بازي،
دل جي پليتن ٽيڙن ۾ آ.

نوٽ نوَن ۾ جهڙي سُندر،
اهڙي نہ ڪشش ليڙن ۾ آ.

♡

ڪونہ اجان دل بدلي آهي پنهنجي عادت،
تنهنجي نفرت هوندي توسان ايڏي چاهت.

ڪين اڪيلو راهہ مسافر ڇڏجانءِ رولي،
مُحب وفا جو رکج پيرم آ توکي پارت.

عشق عقيدت سان آ جانب عرض نماڻو،
پرت وفا جو جَرِ ڏيئي ڪر پوري حاجت.

الفت ۾ ٿو نوڙت سان نينهن ٿئي حاصل،
ڏاڍ ڏمر جي ڪونہ هلي ڪا سگهندي طاقت.

مون ڪان ڪسجي مُرڪون خوشيون پل ۾ ويون سڀ،
ڪهڙو دؤر اچي ويو ڪهڙي جاڳي شامت.

اهڙو ڪوئي واءُ وريو جو ڪَلَ نہ پئي ڪا،
سور غمن جي ٿي پئي برپا روز قيامت.

الفت جو هِت ڪونہ قدر آ ڪنهن ماڻهوءَ وٽ،
ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ڪونہ رهي آ ڪا بہ اسالت.

سانت امن سان جيئڻ ماڻهو ڪونہ ڏين ٿا،
دِليون ٽوڙڻ جي پيا ڪندا روز شرارت.

”سوز“ اوهان جي الفت منهنجو جند جياپو،
تنهنجي مرڪ مِٺي سان ملندي دل کي راحت.

♡

ڏاڍا ماٺھو ڏوھہ ڪري ٿا سُترا ڏِسجن،
رت ۾ رڱيل ھٿ پوءِ پِي ٿا اُجرا ڏِسجن.

هِت ڪانءَ ڪبوتر ڳيرن جي ڏس آکيرن ۾،
وَقت پڄاڻا ويٺل ٿا ڪئين ڇُپرا ڏِسجن.

هِت ڦھر ڪميٽپ بَرپا ڪندڙ ڇھرن مان!
معصوم صفا جڙ ٻيوس ٿا صغريٰ ڏِسجن.

هي تہ ڪمينا پاپي پيڙھين ڪان سپ آھن،
گينگ وڏي آ، تن جا ڪولي شجرا ڏِسجن.

ھر ماڻھو مسڪين ھتي آ غم ۾ گھايل،
غربت ڏک جي گھايل دل جا ٽڪرا ڏسجن.

”سوز“ وري ڪو وقت اچي ھن ڀونءَ سڄي ۾،
مَرد سخي دل قرب ونڊيندڙ فقرا ڏسجن.

♡

اوهان جي شهر مان نڪري جڏهن پنهنجي پُناسين گهر،
هجر جي درد ۾ ونجي پرين ڏاڍو رُناسين گهر.

سموري رات ڳوڙهن سان اڪيون پڇنديون رهيون پيئي،
گهڙي پل ڪونہ روئڻ ڪان پٽي ساهي سُڪاسين گهر.

اوهان ڪان نينهن جو ناتو ڇڄڻ جي سوچ ۾ سڙندي،
اسين جيئري قبر ۾ جڻ اچي ڪِريا هُئاسين گهر.

مُحبّت جي سزا اهڙي ملي حيرت ونئي ويئي،
مُڏي ڪاتي مثل ڪنهن جڻ ڪڪڙ وانگي ڪُٺاسين گهر.

اجايون تهمتون پنهنجي سيئي سِر تي ڪٽي ناحق،
سراسر عشق ۾ ناڪام ٿيندي ئي مُئاسين گهر.

اوهان جي بيرُخي جا لفظ سيني ۾ چُڀيا جيڪي،
انهن تي "سوز" سوچيندي نہ ڪو هڪ پل سُتاسين گهر.

♡

حياتي سور جهڙي آ،
تتل تندور جهڙي آ.

ڪري دل اڻ ڏٺا انگل،
پرينءَ جي پور جهڙي آ.

ڇٽي آخر تہ ويندي ڇڻ!
وڻن تي ٻور جهڙي آ.

اٿي ويٺي ڏکي تڙپي،
مثل معذور جهڙي آ.

پُراڻي دؤر جي رسمي،
مڙهيل منشور جهڙي آ.

هجر جي زندگي جڳ ۾،
ڪَتڻ مفرور جهڙي آ.

سدا دل! سوچ سوليءَ تي،
ٻٽي منصور جهڙي آ.

ڪڏهن ڇڻ ٿوهر ڪان ڪؤڙي،
ڪڏهن انگور جهڙي آ.

♡

دردن دل اهڙي آزاري،
چوٽ لڳي آهي ڪاپاري.

قرب ڦڙي لئہ دل تڙپي ايئن!
ٿر جي واري جيئن تاساري.

قلب نگر تي ڪاهي آيا،
سور سپئي ٻڻجي تاتاري.

ڪونہ ڳچيءَ مان نڪتي آخر،
ريت رسم واري پاڇاري.

ڪونہ سگهي ڪو راز پَروڙي،
سوچ گهٽو ئي مون هاڪاري.

سورَ ڪرڻ نيلام گهريم پر!
ڪونہ وني ٿو ڪو واپاري.

نانوَ نصيبن جي تاري شل،
”سوز“ سڦلتا جي ناتاري.

♡

منظر ڪي ٿاهيندو اڳتي،
وقت وجي ڪاهيندو اڳتي.

ڪوڙي جڳ جي مڪ تان چادر،
وقت وجي لاهيندو اڳتي.

هر ڪنهن دل ۾ ڳاھ غَمن جا،
وقت وجي ڳاهيندو اڳتي.

دردن جا ڪي عڪس اکين ۾،
وقت وجي راهيندو اڳتي.

باز ٻڌي سڀ سڪ جا ڳيرا،
وقت وجي ڦاهيندو اڳتي.

”سوز“ غمن جا گُرز هينئين ۾،
وقت وجي واهيندو اڳتي.

♡

ٿڪَ چپن تان ڪير ڪَسي ويو،
خوشيون سڀ چؤڦير ڪسي ويو.

گيت امن جا ڪانئر لوڀي،
ڪونہ لڳي ڪا دير ڪَسي ويو.

ڏئم اڏي سنڌوءَ جو پاٽي،
ناحق آ سڀ غير ڪَسي ويو.

وقت غمن جا ونگ هَٽي آ!
پاٽيارين ڪان ڇير ڪسي ويو.

سونهن ثقافت سنڌ سَندي ڪيئن!
من ۾ پائي مير ڪَسي ويو.

”سوز“ سکن جي لفظ منجهان ڪو،
پيشُ زبرَ ۽ زير ڪَسي ويو.

♡

مُحب ملڻ جا خيال هوا ۾ خوب اُڏاري،
سڪ جو تاڙو توکي جانب روز پُڪاري.

جيون غم جي زرد هوا ۾ پن ڇڻ بڻيو،
پِرت وفا جي پاڻيءَ سان وڃ ترت اُجاري.

تون ئي منهنجي چاهت تون ئي روح جي راڻي،
تو بن دل جي ناوَ غمن مان ڪير اُڪاري.

چين نہ ڪو آرام اچي ٿو اکڙين ڪي پل!
درد هجر جو دل مان ويو سڪ چين ڀُڃاري.

ڪونہ گهڙي ڪا دل مان ٻاهر نڪرن ٿا هي!
پنهنجا وڃ سڀ دل منهنجي مان درد اُٽاري.

تنهنجي وات تڪيندي آخر ٿڪجي پياسين،
نيڻن جا هي پوپٽ ٻئي هر ويل اُڏاري.

♡

جيئڻ ڏاڍو تنگ ويو ٿي،
شهر سڄو ڄڻ جهنگ ويو ٿي.

زرد هوا ۾ موسم جو پيو،
پن ڇڻ پيلو رنگ ويو ٿي.

چاهت جو ڪِٿِ ڪونہ وڃي ٿو،
دور چپن کان چنگ ويو ٿي.

سوچن ۾ دل ڏرتيءَ جو ڄڻ!
ميدان سڄو جنگ ويو ٿي.

سورَ سُٺايان ڪيئن ڳٺي سپ،
انگ مٿان پيو انگ ويو ٿي.

قرب نگر مان تڙجي نڪتل،
سوئي مست ملنگ ويو ٿي.

الفت عيوض درد ڏيڻ جو،
سُهٽن جو آ ڍنگ ويو ٿي.

ماٺهو سک ۾ ڍاول هردم،
”سوز“ ڏکن ۾ ڪَنگ ويو ٿي.

♡

ڪنگ: ڪنگال

قانون سندو کو رنگ نسل،
کونہ ڪِٿِ لَڀندو تہ آصل.

رشوت پڙوت غنڊا گردي،
کلم کلا تہ ڏسو آ هَر پَل.

موت ڪري راڱا تہ ڇڏيا هِت،
ڪونہ جهلي سگهجي ٿو اڻ جهَل.

سنڌ وئي لٽجي آ ساري،
پر ڪنهن کي ڪو آيو نہ عَقل.

چور لٽيرن جا ساٿاري،
ڪامورا قوم سندا قاتل.

بيڏوهہ سوين جيلن واڙيل،
قاتل کي ڇو آ ڇوٽ ڏِنل.

ڪامورا ڪورٽ ۾ ٺاٺا،
گروي سي وڏيرن وٽ ٻَڌيل.

”سوز“ امن انصاف صدين کان،
سُڏڪي سنڌ گهري پئي جيجل.

♡

اسان وقت سان گڏ ڀَريا پير آهن،
رُڳو وار اُس ۾ اڇا ٿيا تہ ناهن.

اسان زندگيءَ جي سفر مختصر ۾،
سوين حادثاتي ڏٺا معجزا هن.

کسي مُرڪ مسڪين مڪ تان تہ ظالم،
وري ڪيس واپس ڪرڻ ڪونہ چاهن.

رحم جي نظر ڪونہ ڪنهن ۾ ڏٺي مون،
جبر ڏاڍ سان ڪل غريبن جي لاهن.

رکي ڪوبہ مطلب دغا باز ماڻهو،
ڊرامون نئون ٿا هتي روز ناهن.

ويا نيٺ رَويا سڀن جا بدلجي،
ڪشي ڪانہ سيني! سُڌا روز واهن.

ستم سور سهندي جلي جان ويئي،
پيون قلب تي سور سوچون ئي ڪاهن.

♡

دل جي بستي وئي آ اُجڙي،
جيئن وچي کو رستو اُکڙي.

چاهت جي چادر جا ٽوپا،
درد لُکن ۾ ويا سپ اُڌڙي.

ڪيئن گلابي ٿيندي موسم،
ڪونہ ٽڙي هِت ڪائي مُکڙي.

نيت ڪڍي آ ڇڏبو تنهن کي،
ذات پوي ٿي جيڪا اُلڙي.

ورڻ تي ماکي وانگي سک ڇڻ!
ڪونہ پُناسين ڏاڍو اُپڙي.

ڪونہ لَهي ٿو غم دل تان پَل،
چقمق وانگي پيو آ چُپڙي.

ڪونہ لٿي ڪِسِ درد ستم جي،
دل جي ديڳ سڄي مون ڪُرڙي.

چوٻ هڻي درد ڦَٽيندو دل،
ٻَگهہ جيئن ماري ويٺل ڇُڪڙي.

♡

واٽ وفا تي هلندو ڪَر تون،
حق سچ مُنهن تي چوندو ڪر تون.

ڪاڻ نہ ڪنهن جي ڪڍ دنيا ۾،
ڳاٽ اوچي سان هلندو ڪَر تون.

ڪين مُڙي ڏس پٺتي ڇاهي،
هرپل اڳتي وڌندو ڪَر تون.

ڏارين جي وِجهہ ڏوڙ اکين ۾،
پنهنجن ڪان ڪجهہ ڊڄندو ڪَر تون.

ڄاڻ لٿي اُپري جي جڳ ۾
ڪنهن ۾ي قيمت وٺندو ڪَر تون

سوڍا پنهنجي سنڌ آمڙ لئہ،
سِرِ بہ اڏيءَ تي رکندو ڪَر تون.

عشق عقيدت آزاديءَ جو،
خوب مَزو ڪو چکندو ڪَر تون.

هيڻن جو همراهي ٻڻجي،
ڪيس هميشہ ڪٽندو ڪَر تون.

”سوز“ امن جا آلاپي سُرَ،
مُرڪ مِٺيءَ سان مَچندو ڪَر تون.

♡

ڏوھ بنا ڏوھاري آھيون،
تنھنجا مُحب مَياري آھيون.

روز ٽُٽڻ جو ڏپ دل ۾ آ،
ڄڻ ڪا وڻ جي ٽاري آھيون.

سوچ سندي ھَرَ سان دل ڪيڙي،
غَم پوکيون ٿا ھاري آھيون.

سور چڙھن سڀ پنھنجي سِر تي،
ڄڻ ڪا لوڪل لاري آھيون.

قرب عيوض قرب نہ گھُربو،
پاڻ نہ ڪي واپاري آھيون.

عشق عقيدت عيوض دل تي،
سھندا ڏَکَ ڪاپاري آھيون.

مُرڪَ مُحبّت سان لاڳاپيل،
ذات نہ ڪائي ذاري آھيون.

”سوز“ ٻَڌي ھٿ حاضر ھردم،
مَحڪوم عمر ساري آھيون.

♡

چورڻ وارا چوريندا پيا،
پُرِ پُرِ چيٽا پوريندا پيا.

نفرت واري باهہ لڳائي،
ڪاٺيون مَچ ۾ سوريندا پيا.

درد غمن جي ڪات تکي سان،
ماس هڏن تان ڪوريندا پيا.

جن جي فطرت ويڙهہ فسادي،
ناحق دليون جهوريندا پيا.

عشق اسان جيئن جن سان پيچي،
سچ تان سِرِ سي گهوريندا پيا.

مَرض مَحبّت ۾ جي ورتل!
حال حقيقت اوريندا پيا.

تانگهہ بَرابر جن جي دل ۾،
سِڪَ سامي ۾ توريندا پيا.

وقت ويو جن جي هٿ مان سي!
جيون پر لئہ ڏوريندا پيا.

♡

جيون جانب ڪَتيون گڏجي،
سِڪَ جا ڏاڍا وَٽيون گڏجي.

ماڪ ڦڻيءَ جو چارين مان هَل!
جهول ڀري مَڪَ پٽيون گڏجي.

عشق سفر! ۾ راهه رُڪاوٽ،
ڪوڙا ڪاهيون لَٽيون گڏجي.

زخمي دل کي ٻڌجن هيڪر،
آئٽ واريون پَٽيون گڏجي.

پاڻ نبيري پاڻ ۾ چڏيون،
ڳالهيون مِٽيون کَٽيون گڏجي.

ڀِٽ تي ٻَڪريون پيون تہ چرن هل!
ڪير ٽڻن مان ڳَٽيون گڏجي.

قرب وفا ۽ الفت جو ٻج،
”سوز“ دلين ۾ ڇَٽيون گڏجي.

♡

زلف هوا ۾ ڇوڙي ڇڏ تون،
شهر سڄڻن ۾ پوڙي ڇڏ تون.

وڻ ٽڻ پوٽا سُنڌ وڃن ٿي،
موسم جو رُخ موڙي ڇڏ تون.

پل تہ وڃي ٿي گهايل ڇاتي،
تير نظر جا ڪوڙي ڇڏ تون.

ڪين دغا جو واءُ لڳئي ڪو،
جند وفا سان جوڙي ڇڏ تون.

مرڪ سجائي رک تون مُک تي،
گهنج غمن جا روڙي ڇڏ تون.

”سوز“ حجابن جا هڪ ڏڪ سان،
زنجير سيئي ٽوڙي ڇڏ تون.

♡

# چوٿا



# "سونهن، سچ ۽ امن جو شاعر"

سونهاري سنڌ ڌرتيءَ جو لاڙ وارو پاسو ادب جي حوالي سان سدائين زرخيز رهيو آهي، جنهن هميشه اهڙن انمول هيرن ۽ مهان شخصيتن کي جنم ڏنو آهي. جن هر شعبي ۾ سدائين پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. چوندا آهن لاڙي علائقو مزاحمتي ۽ انقلابي شاعرن جو ڳڙهه رهيو آهي. پوءِ اهو سرويچ سجاولي هجي محمد خان مجيدي، ابراهيم منشي، ارشاد ساگر يا مريم مجيدي مطلب ته هر ڪنهن لکندڙ پنهنجيءَ لکڻيءَ سان خوب نيايو آهي، ايڏي ڊگهي لسٽ ۾ واحد سوز ملاح جو نالو به ڳڻائي سگهجي ٿو.

واحد سوز ملاح نئين ٽهيءَ جو نوجوان ۽ پختو شاعر آهي. سندس شاعري هر لحاظ کان پختي ۽ وزنائتي آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ تقريبن هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. پوءِ اهو غزل هجي، نظم، گيت هجن يا وائي، بيت هن جنهن به موضوع تي لکيو آهي، انهيءَ موضوع سان شروع کان ڇيڙي تائين ڏاڍي سني ۽ سهڻي نموني نيايو آهي. هن سنڌ ڌرتيءَ تي ٿيندڙ آزارن، ناانصافين، ڏکن، ڏوجهرن ۽ ان ڪانسواءِ هر ان موضوع تي قلم ڪنيو آهي، جيڪو سنڌ ڌرتيءَ جي خلاف هجي ۽ ڌرتي ڌڻين جي خلاف هجي ۽ ان ڪانسواءِ رومانس ۾ به گهڻو متاثر ڪندڙ لکيو آهي. جنهن جا چٽا ثبوت اوهان کي سندس اڳئين آيل ڪتابن مان ملي سگهن ٿا.

واحد سوز ملاح جهڙو پاڻ سچو سادو ۽ سباجهڙو شخص آهي، سندس تهڙي سني سادن لفظن ۾ ڪيل شاعري سچ ته بنهه گهڻو متاثر ڪندڙ آهي ۽ اڳتي لاءِ به هن سچي ۽ سيبتي شاعر مان اها آس رکندس ته ائين ئي قلم کي جاري رکي.

**عبدالله آس هنگورجو**

منئي

دل چَوي ٿي دادِلو بنجي پوان،
هر قدم تي حوصِلو بنجي پوان.
”سوز“ مون کي تون ڏسي مَرڪي پوين،
چيچ تنهنجيءَ جو ڇَلو بنجي پوان.

چَڙهندڙ سج جا ڪِرندڙ ڪِرڻا،
گوريءَ مُک تي پوندڙ ڪِرڻا.
”سوز“ جهڳِٽ جيئن تارن جو ڪو!
موهيڙن کي ڇُمندڙ ڪِرڻا.

اوهان جي اکِيان هي جُهڪن روز نظرون،
سوين التجائون رکن روز نظرون.
ڪري ”سوز“ سجدا وفا جي وچن جا،
اجان ڪونہ ٿيون هي ٿڪن روز نظرون.

تون جي مون سان مور نہ ٿهندين،
درد ڏئي ڀرپور نہ ٿهندين.
جيون پوءِ هي کهڙي ڪم جو،
مَربو ٿي مجبور نہ ٿهندين.

شينهن جبل ۾ تاڪوڙ ڪري جيئن،
سنڌو وهندو گجگوڙ ڪري جيئن.
ڪات ڪٽي پئو ڪاهي دشمن ۾،
ٿي مينهن ڪِلي ڏي ڊوڙ ڪري جيئن.

سنڌي قومي سُندر ٻولي،
جيجل ”سوز“ ڏني جا لولي.
سَرمايو آهي تہ اسان لئہ،
سنڌوءَ جي هر ڇُلندڙ ڇولي.

آزاديءَ جو پنڌ پُڇڻ ڏي،
سنڌ امڙ جي خاڪ چُمڻ ڏي.
ونگ غلاميءَ جا ڪيڊ رهزن،
مون کي ٿورو ”سوز“ ڪُڇڻ ڏي.

تنهنجي دل سا ناهي ساڳي،
ڪيڏي سوڙهہ پئي آ جاڳي.
شوخ طبيعت ”سوز“ رکي تو،
بخشي مون کي سوچ نياڳي.

ماڻهن کي ٿي مجبوري ماري،
درد وندي دل کي دوري ماري.
هر ڪنهن جو هر راز رکڻ جي لئہ،
من جو ٿو شخص ضروري ماري.

اخبار پڙهي پيو سوچي،
اشتهار پڙهي پيو سوچي.
مردانہ طاقت جون گوريون!
ڏس ٻار پڙهي پيو سوچي.

پئي سوچ تڙپي ذهن جي پڌر تي،
سُڪل نازبوءِ گل مثل جيئن قبر تي.
خوشي جڻ تہ ڇيهون وئي "سوز" ٻڌجي،
سکن جو نہ سايو پُڳو دل نگر تي.

سوچ سفر جي پيتان نڪري،
واڳونءَ جي جڻ پيٽان نڪري.
مَس مَس تازو روح ٿيو آ،
چانڊوڪيءَ ۾ چيتان نڪري.

پيڙياتا! ٻئي پار وني هل،
سور ستم ڪان ڏار وني هل.
جنت جهڙي هير ڳُهلي جت،
”سوز“ اُنهيءَ سنسار وني هل.

ೋღ

لوهار ادا! ٻُڌ عرض سندم،
درد هجر ۾ ٿي چور اٿم.
قلب ٽٽل کي ريهہ ڏئي ڏي،
”سوز“ دعائون ڏيندئي هردم.

ೋღ

دل جو گلشن پيل ويو ٿي،
جيئڻ جڳ ۾ ويل ويو ٿي.
سک جون گهڙيون سور چڳي ويا،
جيون ڏک جو جيل ويو ٿي.

ೋღ

اسان جو تہ سينو سَٽيل سور ۾ آ،
فراقن ڦٽن! جي چٽيل سور ۾ آ.
ويو هيسجي آ پکي ساهہ وارو،
ڪُٺل قلب جو قد ڪٽيل سور ۾ آ.

ೋღ

وري وقت ايندو بهارون ٻہ ڏِسبيون،
وري "سوز" ڪونجن قطارون ٻہ ڏِسبيون.
امن جون هوائون ڳَلي ڳام ڳُهلنديون،
وري مُرڪ مڪڙين اڏارون ٻہ ڏِسبيون.

عشق اسان سان پيڇي رهندو،
چنڊ مثل جيئن! چيٽي رهندو.
سونهن صداقت ساٿ سلامت،
اُجرو من ۾ مَهڪي رهندو.

تنهنجي راهہ تڪڻ جون عادي،
سِڪَ مان "سوز" سَڏڻ جون عادي.
عادت ڪونہ ڇڏين ٿيون اکيون،
ٻڄي مينهن وَسڻ جون عادي.

تنهنجي روز چوڻ تي دلڙي،
منٿ ڪئي مون تڪڙي تڪڙي.
بي مَروت ماڻهوءَ نہ مَڃي ڪا،
"سوز" ڪڏهن پيي منهنجي هڪڙي.

رُنو درد غم ۾ يَڪو تون ٻہ هوندين،
سڄي رات روئي ٿڪو تون ٻہ هوندين.
برهہ باهہ من ۾ وسامي نہ هوندئي،
تڏهن ٿيو تہ ضد ۾ جَهڪو تون ٻہ هوندين.

ﷺ

ڇڏي شهر تنهنجو وَڃڻ ٿي چوي دل،
ترڪ واسطا سڀ ڪَرڻ ٿي چوي دل.
قدر ڪونہ تو وٽ ٿيو شهر ۾ ڪو،
تڏهن زهر جو ڍُڪ ڀَرڻ ٿي چوي دل.

ﷺ

دل ۾ درد هزارن هوندي،
وِرلي جا ٻہ خوشي آ مِلندي.
ڪانگن ۾ چڻ چُپّ هَلي پئي،
راس نہ آيو ڪو سک مون کي.

ﷺ

هاڻ سيئي سگ ڇنڻا پوندا،
پيرن تي هٿ رکڻا پوندا.
تنهنجي نفرت چوٽ چڙهي وئي،
نوڙت جا در بَندڻا پوندا.

ﷺ

عشق چڙهي ويو چوٽ پرين آ،
من ۾ تي ڦڙڦوٽ پرين آ.
اُڻ تُڻ سوچون سور وڌن پيا،
لُڙڪ اکين! پالوٽ پرين آ.

صفا مؤُر پئجي ڳچيءَ ۾ ويو آ،
جيئڻ زهر جهڙو ڪري جنهن ڇڏيو آ.
اُهو درد رولي اچان ڪِٿِ ٻُڌايو،
ڪري ساهه ڪي جنهن تہ سوگهو رکيو آ.

نہ ٻَــر سال آيو نڪي هيل ايندو،
ڪڏهن ڪونہ مون سان ڪرڻ ميل ايندو.
اچي محب جيئري ملڻ ڪونہ ٿو پر!
ٻُڌي موت منهنجو انهيءَ ويل ايندو.

درد ڇڏيئي سڀ خوشيون ڪائي،
ڪونہ ڇڏي تو دل ۾ ڪائي!
توکي دشمن دَرَ تي ٻَـڌجي،
اهڙي تو دل "سوز" رنجائي.

نيڻ اُجارا اڄ ٻي ساڳيا،
لڙڪن لارا اڄ ٻي ساڳيا.
تعبير نہ ماڻي "سوز" سگھيا،
خواب ڪُنوارا اڄ ٻي ساڳيا.

ﷺ

ٻَلي آسرا ٻي ٻَلي ڪون سگھيس،
روئڻ ڪان چري دل جَھلي ڪون سگھيس.
سڄي زندگي جنهن صنم کي تہ ارپيم،
ملي "سوز" تنهن سان گَلي ڪون سگھيس.

ﷺ

هن جهڙو هر بار ٿيان چو،
آئون ننڍڙو ٻار ٿيان چو.
روز رُسڻ آ هُن جي عادت،
"سوز" ڀلا بيزار ٿيان چو.

ﷺ

نڪي ڪير ڏيندو،
نڪي ڪير وٺندو.
هتي سورَ هرڪو،
ڪٽي ساڻ هلندو.

ﷺ

ڪٿي تو حياتي ڀلا آ گُذاري،
ملي ڇو نہ سگھيئي خوشي ڪا اڏاري.
پيو "سوز" روئندو وتين روز ڀرندو،
ڪڏهن مُرڪ مک جي نہ مُرڪي اُجاري.

ﷻﷺ

نيڻ جڏهن ڀي روئندا آهن،
لُڙڪ ڪسارا ٽمندا آهن.
ٻاڦ غمن جي ٻڻجي ڳوڙها،
بارش وانگي وسندا آهن.

ﷻﷺ

ڊڄندي ڏڪندي نيٺ پُڄي ويو،
سنڌي سادو نيٺ پُڄي ويو.
ڪونہ وڏيري غور ڪَيس ڪو!
جنهن جي پيرن هيٺ پُڄي ويو.

ﷻﷺ

دل تي ايڏو بار رکين ٿو،
خود جي لئہ آزار رکين ٿو.
اُلفت جي سودي اُجري ۾،
ڪلفت جو وهنوار رکين ٿو.

ﷻﷺ

يادون اڏري دل تي لٿيون،
ماناري! جيئن مکيون سَٿيون.
ننڊ کَسي بي چيني بخشي پر!
”سوز“ پري ٿين پل کو نہ ٿيون.

ﮨ

توسان هي آئينو شايد ڳالهائي ٿو،
خوب ڪري تعريف من مَهڪائي ٿو.
تون بہ تڏهن مُرڪي هر هر ڪيس ڏسين ويٺي،
”سوز“ ۾ڏي ٽڪ تنهنجي مک تي نيڻ ڄمائي ٿو.

ﮨ

ڪولهڻ جي ڏس ڀار ڪُلهي تي،
ڏينهن سَڄو هي بار ڪُلهي تي.
سردي گرمي ڪيئن ڪَرن ۾،
غربت جو آزار ڪُلهي تي.

ﮨ

جنهن ڪان هڪڙي ڳالهہ نہ پَرندي،
تنهن اڳيان ڪا دال نہ ڳَرندي.
ڪيڏيون منٿون ميڙ ڪَجن پر!
ڏيندو ڪا في الحال نہ وَرندي.

ﮨ

چونڊ وِڙهن پيا پاڏا پڙَ ۾،
پاپي روڏا ٻاڏا پــڙَ ۾.
ٽيڙون ڪائي ڪرندا پَچندا،
پولنگ! ٻنيل جي چاڏا پڙِ ۾.

ﷺ

ووٽن جي ٽي تيز تياري،
رنگ رَچي ويا ڏس چوڏاري،
”سوز“ پُراٽا پاپي پيهر،
ڪندا مِنٿون ميڙ مَداري.

ﷺ

جنهن جو نہ ڪٿي ڪو دڳ هوندو،
پهرين درجي جو ٺڳ هوندو.
تنهن سان ڪو وهنوار نہ رکبو،
واقف جنهن ڪان ڪُل جڳ هوندو.

ﷺ

توکي پنهنجي سنڌ نہ ڏيندس،
غير ڪپڙ لئہ ڪنڌ نہ ڏيندس.
منهنجي ماروئڙن ڏي ويندڙ،
”سوز“ ڪڏهن سو پَنڌ نہ ڏيندس.

ﷺ

سونهن تنهنجيءَ تان صنم مان سدا صدقو وَڃان،
در سنڌ جو مَن گدا ڪيئن ڀلا ڀيرو ڀَڃان.
پرت پاڻيءَ جا ڀَري ڍُڪ سوين پيتم مگر،
”سوز“ تنهنجي چاهہ مان دل نٿي ڌاپي آڃان.

نيڻن جا نہ اُڌار ڪبوتر،
پوپٽ جهڙيون سوچون پوتر.
سِيڪ نہ درد غمن جي لُڪ ۾،
پاڻ پلي چڙ پنهنجي اندر.

نيڻن ۾ تون نيڻ اُتاري،
ڪوجهو جيون ”سوز“ اُجاري.
درد غمن جي ڪُن مان ڇڏ تون،
الفت جو ڏئي سات اُڪاري.

ڪنهن ڪي دل جو درد ٻُڌايان،
وِڪريل سوچون زرد ٻُڌايان.
حال ٻُڌي همدرد وڃي ٿي،
اهڙو نہ سُجهي ٿو فرد ٻُڌايان.

# وايون



سنجيدگي انسان کي لازوال احساس بخشي ٿي، پوءِ انهن احساسن جون مختلف ڪيفيتون واٽون ڇو نہ هجن پر اُهي هڙئي احساس علم جي سنگن سان سبيل رهندا آهن. شاعري بہ هڪ اوکو پنڌ آهي، جنهن جو مسافر هر انسان نٿو ٿي سگهي هن راهہ جا راهي سور وندا ساهہ ئي رهن ٿا.
واحد ''سوز'' ملاح ادبي کيتر جو پراڻو هاري آهي، هو پنهنجي شعرن سان هر دل کي سرهائي بخشي ٿو. واحد ''سوز'' ملاح جو ڪتاب 'گيڙوءَ رتا خواب'' کي پڙهندي محسوس ٿئي ٿو تہ پيار کان پيڙا سورن کان سکن، سوچن کان سڏکن، اڏمن کان الڪن، سپنن کان ساڀيائن تائين جو حال حقيقت بياني آهي. نسورو سچ جو سفر آهي شعر. شعر شاهدي آهي شاعر جي محنت جو.
واحد ''سوز'' ملاح جي شاعريءَ ۾ هر طرح جي ڪيفيت شمار آهي. سندس ڪجهہ شعر ونديان ٿي:

(چوسٽو)

سنڌي قومي سُندر ٻولي،
جيجل "سوز" ڏني جا لولي.
سَرمايو آهي تہ اسان لئہ،
سنڌوءَ جي هر ڇُلندڙ ڇولي.

(وائي)

اُبتو بہ لکيم، سُبتو بہ لکيم،
دردُ وري ٻي دردُ رهيو.

يا غزل:

اسين غرقور ڳڻتين ۾ اسان کي سُڌ نہ ڪائي آ،
اسانجي ملڪ ۾ يارو! ڇون ٿا عيد آئي آ.

ڏاتار در دعا ڪريان پئي تہ اجان بہ واحد جي قلم ۾ قادر سگهہ رکي تہ جيئن لولي ۽ ٻوليءَ ڪاڻ لوچيندو رهي، لکندو رهي.

**شبانہ عالماڻي**
05_12_2015

تعبير نہ سَگهيا جي ماڻي،
ڪيئن ڪجن سي ڪيڏانهن هاڻي.
گيڙوءَ رَتا خُواب اکين ۾.

روح منجهان غم درد ڇڏي آ،
راحت جي سپ خوشبوءَ ڇاڻي.
گيڙوءَ رَتا خُواب اکين ۾.

عشق عجب جي ذات انوکي،
ڪير اڃان سگهيو نہ سُڃاڻي.
گيڙوءَ رَتا خُواب اکين ۾.

ننڊ پکي ٻڌجي وئي اڏري،
هاڻ رهَن ٿا هر پل تاڻي،
گيڙوءَ رَتا خُواب اکين ۾.

”سوز“ سَفر جيون جو اوکو،
ڪيئن ويو ٿي رب ٿو ڄاڻي،
گيڙوءَ رَتا خُواب اکين ۾.

اُبتو بہ لِکيم سُبتو بہ لِکيم،
دَرد وَري پيي دَرد رهيو.

دل مان نڪري ڪونہ سگهيو پل،
هر هُربو هلائي تہ ڏٺم،
دَرد وَري پيي دَرد رهيو.

ٻهر اُداسي دور ڪرڻ لئہ،
لُڙڪن پاڻيءَ سان ٻُل ڌوتم،
دَرد وَري پيي دَرد رهيو.

روز ڏنگيندو روح رهيو آ،
ڪونہ جيئڻ سڪ ساڻ ڏٺم،
دَرد وَري پيي دَرد رهيو.

خوب ڪيم مُرڪڻ جي ڪوشش،
پر ڪونہ لُطف محسوس ٿيم،
دَرد وَري پيي دَرد رهيو.

زهر جياپو ويو ٻڌجي پر،
”سوز“ صبر وارا ڍُڪ پيتم،
دَرد وَري پيي دَرد رهيو.

چاندوڪين جي ئي چاڳ ۾،
مَهڪ گُلابيءَ جي ماڳ ۾،
گيت سنڌوءَ جا گڏجي ڳايون.

سُر ۽ تال مِلائي ساٿي،
رمز وفا جي هر راڳ ۾،
گيت سنڌوءَ جا گڏجي ڳايون.

ڪينجهر منڇر مَڪلي موهن!
پونءَ سموريءَ جي پاڳ ۾،
گيت سنڌوءَ جا گڏجي ڳايون.

دورين جا غم درد وساري،
وقت وَصل ويراڳ ۾،
گيت سنڌوءَ جا گڏجي ڳايون.

ننڊ نياڳي هاڻ ڇڏي سڀ،
جوت شعوري جي جاڳ ۾،
گيت سنڌوءَ جا گڏجي ڳايون.

گُلشن باغ بَهارن ۾
مون کي چنڊ سِتارن ۾
تنهنجو عَڪس نظر آيو.

سنڌوءَ جي سرسبز پرين
سڀ شاداب نظارن ۾
تنهنجو عَڪس نظر آيو.

رِم جهم ميگهه ملهاريءَ جي
جُهڙ ڦُڙ ۽ وَسڪارن ۾
تنهنجو عَڪس نظر آيو.

مَهڪي مُند فضا ۾ آ
گُلڙن جي مَهڪارن ۾
تنهنجو عَڪس نظر آيو.

روز اچن تصور ۾ ٿيون
سوچون پرت هزارن ۾
تنهنجو عَڪس نظر آيو.

”سوز“ وَڳر جي صورت ۾
ڪونجن جي تہ قطارن ۾
تنهنجو عَڪس نظر آيو.

پٿر دل بيوفا خاطر،
اڇا روئندينءَ گھڻو آخر،
صبر ۽ حوصلو ڪر دل.

وڇوڙي جا برابر وڍ،
سوين ڏيئي ويو جابر،
صبر ۽ حوصلو ڪر دل.

اُميدن جو ٻُڏل ٻيڙو ،
اُڪاريندو اچي قادر،
صبر ۽ حوصلو ڪر دل.

ڏکن تي ضابطو رک تون،
جَلي دانھون نہ ڪر ظاهر،
صبر ۽ حوصلو ڪر دل.

ستمگر ”سوز“ بي مَروت،
اٿئي ان لئہ نہ ٿي قاصر،
صبر ۽ حوصلو ڪر دل.

مُحبت راند ۾ آهيون،
ڪڏهن آگي ڪڏهن پاڇي.
سندم مظلوم دلڙيءَ تي،
چڏيون ٻاري هجر باهيون،
ڪڏهن آگي ڪڏهن پاڇي.
ٽُٽيءَ دل تي دِلاسن جا،
ڀَما رکيو ويٺا ناهيون،
ڪڏهن آگي ڪڏهن پاڇي.
جيڪو ٻيو قيمتي آ پَل،
وڃي تنهن کي رَسيا آهيون،
ڪڏهن آگي ڪڏهن پاڇي.
وفا ۽ پيار جو گاڏو،
پيا اڳتي اڃان ڪاهيون،
ڪڏهن آگي ڪڏهن پاڇي.
همت ۽ حوصلي سان ئي،
وچان ڪٽندا تہ پِڙ آهيون،
ڪڏهن آگي ڪڏهن پاڇي.
رهيو دستور آ جڳ جو،
ڏسن ڏک "سوز" تيون ڏاهيون،
ڪڏهن آگي ڪڏهن پاڇي.

حال نہ پُڇ تون هيٺا آهن،
سورَ اندر ۾ پيٺا آهن،
تنگ حياتي گُذري پيئي.
پنهنجي قرب ڪچارين جا سپ،
عَڪس اکين ۾ جهيٺا آهن،
تنگ حياتي گُذري پيئي.
پلپل پيڙا پور وڌن پيا،
گهٽ نہ ڪڏهن سي ٿيٺا آهن،
تنگ حياتي گُذري پيئي.
پنهنجي پيار محبت جا هي،
راز نہ ڪنهن کي ڏيٺا آهن،
تنگ حياتي گُذري پيئي.
ڏيءِ آٿت جا هن دل کي،
ڪونہ ڏنا تو پيٺا آهن
تنگ حياتي گُذري پيئي.
پيار جي منزل ڪونہ مِلي يرا
پنڌ ڪيا مون ٿيٺا آهن،
تنگ حياتي گُذري پيئي.
”سوز“ اندر ۾ شعلہ ڀڙڪن،
جڙ تہ دُکي پيا چيٺا آهن،
تنگ حياتي گُذري پيئي.

فضيلت ۾ صبر دل ۾،
خدا جو خوف ڪر دل ۾،
تہ اعليٰ مَرتبو ماڻين.

مُصيبت جاڙ تنگيءَ جي،
نہ تون شڪوا بہ ڪر دل ۾،
تہ اعليٰ مَرتبو ماڻين.

فقيريءَ رَمز ۾ رک تون،
حقيقت جو فڪر دل ۾،
تہ اعليٰ مَرتبو ماڻين.

طريقت ۾ شريعت جو،
سهيڙي رک ثمر دل ۾،
تہ اعليٰ مَرتبو ماڻين.

سَوالن جو سفر جاري،
جوابن جو سفر جاري،
ٽُٽو ھي سِلسلو ناھي.

جُھڪائي ڪنڌ شرمائڻ،
حجابن جو سفر جاري،
ٽُٽو ھي سِلسلو ناھي.

اکين ۾ روز پَلجن ٿا،
خوابن جو سفر جاري،
ٽُٽو ھي سِلسلو ناھي.

اوھان جي درد جو دل تي،
عَذابن جو سفر جاري،
ٽُٽو ھي سِلسلو ناھي.

نشيلا نيڻ تنھنجا پِئي،
شرابن جو سفر جاري،
ٽُٽو ھي سِلسلو ناھي.

رکيو تو جاڙ الفت ۾،
حِسابن جو سفر جاري،
ٽُٽو ھي سِلسلو ناھي.

ماڳ تي هر ڪو پُڄو ،
تون سُتل ڇو ننڊ ۾.

نينهن نازڪ ٽئي اٿل،
سورِ پيو سِڪَ جو سَڄو،
تون سُتل ڇو ننڊ ۾.

انقلابيءَ جنگ لئه،
گهنڊ آ گهَر گهَر وَڳو،
تون سُتل ڇو ننڊ ۾.

سوڀ سچ جي در اڳيان،
پيرَ تي ڏونڪو لڳو،
تون سُتل ڇو ننڊ ۾.

نفس ڪيني ڪوڙ جو،
”سوز“ آ ڳاٽو ڀَڳو،
تون سُتل ڇو ننڊ ۾.

ڪنهن پيي در تي دان نہ مِليو،
دردن جو درمان نہ مِليو،
سنڌ سموري گهَر گهر ووڙيم.
نفرت ڪينو ڪوڙ ڪَدورت،
ڪو بہ سچو دل جان! نہ مليو،
سنڌ سموري گهَر گهر ووڙيم.
لالچ ۽ نہ مفاد سوا ڪِٿ،
سک سندو سامان نہ مليو،
سنڌ سموري گهَر گهر ووڙيم.
دل جو ڪشتو خالي خالي،
پيار محبّت مان نہ مليو،
سنڌ سموري گهَر گهر ووڙيم.
عشق عقيدت سونهن سچائي!
جو راڪو نگران نہ مليو،
سنڌ سموري گهَر گهر ووڙيم.
مسجد مندر ”سوز“ ڪليسا!
ڪنهن جاءِ پيگوان نہ مليو،
سنڌ سموري گهَر گهر ووڙيم.

جوئاري ڳوٺ ۾ هِڪڙو،
ڏوهاري ڳوٺ ۾ هِڪڙو،
ڦِٽي ننبون سيِن جون ويون.
مُلان مؤذن ميان مُفتي،
يا قاري ڳوٺ ۾ هِڪڙو،
ڦِٽي ننبون سيِن جون ويون.
وڏيرو ڪڙم لئہ ٻڌيو،
ڦهاري ڳوٺ ۾ هِڪڙو،
ڦِٽي ننبون سيِن جون ويون.
خوشين تي زهر ويو هاري،
لُهاري ڳوٺ ۾ هِڪڙو،
ڦِٽي ننبون سيِن جون ويون.
اليڪشن جي ڪري وينو،
تياري ڳوٺ ۾ هِڪڙو،
ڦِٽي ننبون سيِن جون ويون.
عَشر زڪوات ڪائي ويو،
عَياري ڳوٺ ۾ هِڪڙو،
ڦِٽي ننبون سيِن جون ويون.

لهاري: خوفناڪ وڏو نانگ ازدها

عياري: دوکيباز ٺڳ

®

پيار ٿي توسان ويو،
تو اڇي آ گهر ڪيو.
دل ڪُنواريءَ ديس ۾.
قرب جي هن ڪوٺ ۾،
هاڻ ئي پڪڙا آڏيو،
دل ڪُنواريءَ ديس ۾.
پيار جو پَرڙا هٽي،
آ پکي جاڳي پيو،
دل ڪُنواريءَ ديس ۾.
او مسافر دور جا،
ڪي اڇي پل ٽڪ پيو،
دل ڪُنواريءَ ديس ۾.
ڪِلَ خوشي ۽ ڀوڳ جا،
سازَ ڪي ڇيڙي ڇڏيو،
دل ڪُنواريءَ ديس ۾.

®

اسانجو ڪنڌ جيڏانهن آ،
اسان جو پنڌ اوڏانهن آ.
ظلم ۽ ڏاڍ جي جاري،
آنڌيري انڌ جيڏانهن آ،
اسان جو پنڌ اوڏانهن آ.
امن ۽ آجپي جنگ لئہ،
پُڪاريو سنڌ جيڏانهن آ،
اسان جو پنڌ اوڏانهن آ.
اسان جي سوچ هڏ ڏوڪي،
ٿُنو ڪو سَنڌ جيڏانهن آ،
اسان جو پنڌ اوڏانهن آ.
امن سک شانتيءَ جو ئي،
حَقيقي هنڌ جيڏانهن آ،
اسان جو پنڌ اوڏانهن آ.

®

ڏس رات اجان باقي،
آ بات اجان باقي،
پِرڀات ڦُٽڻ تي آ.
ڏي قرب سندي مُرڪي،
خيرات اجان باقي،
پِرڀات ڦُٽڻ تي آ.
ٿي برس اُجي دل تي،
برسات اجان باقي،
پِرڀات ڦُٽڻ تي آ.
ڪر ساهه ڪُنوارن جي،
سوغات اجان باقي،
پِرڀات ڦُٽڻ تي آ.
هي زلف گهٽائون ڪر،
ماسات اجان باقي،
پِرڀات ڦُٽڻ تي آ.
پئي قلب اندر جاڳي،
ڪا تات اجان باقي،
پِرڀات ڦُٽڻ تي آ.
آ "سوز" گَرمَ من ۾،
جذبات اجان باقي،
پِرڀات ڦُٽڻ تي آ.

هَٽي الزام کاري آ،
کُتي جا پيٽ هاري آ،
نِمازي نيڪ هئي مؤمن.
وني بيڏوھ ماري وَرَ،
ڪيو هي ڏوھ ياري آ،
نِمازي نيڪ هئي مؤمن.
مُلان قاضي ٻُڌن ٻارن،
سڀن فتويٰ هي واري آ
نِمازي نيڪ هئي مؤمن.
جنازو جيئن ڪڇيو گھر مان،
ريھون اُڀ ڏار زاري آ،
نِمازي نيڪ هئي مؤمن.
وَبا ناسور ڪارنهن جي،
صدين کان "سوز" جاري آ،
نِمازي نيڪ هئي مؤمن.

دوستيءَ ۾ دلربا،
ٿي وئين جلدي خفا،
عيب تو ڪهڙو ڏٺو.
قلب من معصوم کي،
دَردَ ڏيئي لادوا،
عيب تو ڪهڙو ڏٺو.
بيگناهه تو بي وَجها،
هر دفعي صدما ڏنا،
عيب تو ڪهڙو ڏٺو.
تنگ دستيءَ ۾ صنم،
لُڙڪ نيڻن مان وٺا،
عيب تو ڪهڙو ڏٺو.
ڀَروسو تو تي رکيم،
تو ڪئي تڏهن دغا،
عيب تو ڪهڙو ڏٺو.
”سوز“ ٻُڌتر ۾ اجان!
چو ڏنئي ايڏي سزا،
عيب تو ڪهڙو ڏٺو.

ڏر تتي جن آ ڪئي،
مَرض سي موذي سپئي،
”سوز“ لوڏيون پون مان.
هر پليتي سوچ ڪي،
قلب ۾ چيرون ڏئي،
”سوز“ لوڏيون پون مان.
سنڌ سامي شاهہ سچل!
جي امن نگري چئي،
”سوز“ لوڏيون پون مان.
جن بگاڙيو آ امن،
درد-غم-پيڙا ٿئي،
”سوز“ لوڏيون پون مان.
جنگ رهزن سان ڪري،
سِرِ امڻ خاطر ڏئي،
”سوز“ لوڏيون پون مان.

®

نِنڊ نيڻن مان اُتي،
ڳُهر جي خوشبوءَ ڪٺي،
راتَ ڪاوڙجي وئي.

بيوفا جي ياد جو،
دل مٿي پاڇو ڏسي،
راتَ ڪاوڙجي وئي.

مون ڏٺو هو خواب ۾،
ناز نخرن سان سَڪي،
راتَ ڪاوڙجي وئي.

هن عذابي مُند ۾،
اوچتو ئي هر خوشي،
راتَ ڪاوڙجي وئي.

”سوز“ منهنجي روح مان،
مَهڪ جي سڀ تازگي،
راتَ ڪاوڙجي وئي.

®

ڏِس شرم جو ٿي پَڪو،
آ رهيو ويهي يَڪو،
درد دل جي ديس ۾.

ٿو لڳي روپوش ٿي،
آ پناهه خاطر لِڪو،
درد دل جي ديس ۾.

من اندر چيري وڌي!
پر اڃان ناهي ٿڪو،
درد دل جي ديس ۾.

سڀ خوشين جا گُل چَري،
چڙ نہ ٿي پيو آ ڏُڪو،
درد دل جي ديس ۾.

پير مُرشد ڪونہ اٿس،
منٿ مان ڇاٽي مَ ڪو،
درد دل جي ديس ۾.

روپ جنهن جا سَوَ هزار،
ناسي پيلو ۽ ڦِڪو،
درد دل جي ديس ۾.

”سوز“ ناجائز طرح،
آ ڪَري ويٺو دِڪو،
درد دل جي ديس ۾.

# پنجوڙ



## خوشنصيب شاعر

واحد ''سوز'' ملاح نئين ٿهيءَ جو تمام سٺو ۽ تمام گهڻو لکندڙ شاعر آهي.

''سوز'' سٺو ساعر ته آهي ئي آهي پر آئون ان کي خوشنصيب شاعر به چوندس جو پاڻ پنهنجي هٿن سان پنهنجي پورهئي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪتابن جي صورت ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو آهي ۽ اهو سلسلو جاري رکيو اچي. ''سوز'' جي شاعري پڙهندي ڪيترين ئي ڪيفيتن مان گذرندو آهيان، ڪو شعر پڙهي مرڪ چپڙن تي اچي ويندي آهي ته ڪو شعر پڙهي دل اداس ٿي پوندي آهي. وري ڪو شعر پڙهي حيرت ۽ سوچ ۾ ٻُڏي ويندو آهيان. ته ڪو شعر پڙهي پنهنجو پاڻ کي اُن شعر ۾ ڏسڻ لڳندو آهيان. ''سوز'' لاءِ دعا آهي ته سندس قلم مان ائين ئي خوبصورت شعر نڪرندا ۽ ڪتاب جي صورت وٺندا رهن.

عاشق علي ٻگهو
ٽنڊو محمد خان

ﷺ امن کسيو وِيو،
تِـتر ڪَبوتر ڪٿي نہ ڪوئي،
رُڳو غلاظت سندي هوا آ،
پتو نہ پيو ڪيئن سڪن سندو هي،
چَمن کسيو ويو.

®

ﷺ ڪڏهن نہ ڪو دَم،
هجر اوهان جي سندو هينئين تان،
وَسان گهٽايوم ڪو نہ ليڪن!
تَرار وانگيِ اُپيو ازل ڪان،
لٿو نہ ڪو غم.

®

ﷺ اَچو تہ گڏجي،
گَلي گَلي ۾ گُلاب پوکيون،
اچي امن جي ئي "سوز" خوشبوءِ،
پَکي امن ۽ وفا جا ڳوليون،
هَلو تہ گڏجي.

®

ﷺ ضرور اَچبو،
سچي جي دل سان سڏيو اوهان ڙي!
ڪري اکيون پير "سوز" تو وٽ،
حِجاب ٽوڙي تہ هيج مان ڙي!
عجيب رَسبو.

®

ﷺ اُداس جيون،
ڏکن غمن ۾ ويو تہ ٻڏجي،
نہ روشني ڪا سکن سندي آ،
انڌير ٻٽيو هجر ۾ ڳٽجي،
اُماس جيون.

®

ﷺ پرينءَ پَچارون،
گسن پنڌن تي اکيون اُڏاري،
فِراق غم ۾ وصال ڪارڻ،
مِٺو تہ نالو صنم پُڪاري،
ڪيم سَنيپارون.

®

ﷺ عَجب دنيا ۾،
ويو ٿي رائج رواج يارو!
وفا جي عيوض جفا هميشہ،
ڪري ٿو ڪيڏو سماج سارو.
غَضب دنيا ۾.

®

ﷺ ڏُکي اسان جي،
ڀَلي هجي زندگي مٺا پر،
دعا سندا در اسان نہ ٻوٽيا،
صنم هُجي زندگي تہ هر هر،
سُکي اوهان جي.

®

ꙮ سَکي هٿن ۾،
ڱُلاب جو گُل ڪتاب سان گڏ،
وٺي پئي واس "سوز" مُرڪي،
پيَرم وفا جو حجاب سان گڏ،
رکي هٿن ۾.

®

ꙮ ڏِيان ڪر تون،
حَسين جوڀن ڱُلاب جهڙو،
نہ ويسلو ٿي تہ "سوز" پنهنجو،
شفاف چڙ ماهتاب جهڙو،
ڏِيان ڪر تون.

®

ꙮ نَقاب کولي،
صنم سخاوت سندو خوشيءَ مان،
اچي ڪرايو ڪو "سوز" درشن،
وڏي ڪٽي حُب مِلي هينئين سان،
حِجاب کولي.

®

ꙮ پرين پَسين سک،
ڪڏهن بہ ڪوسو نہ واءُ لڳئي ڪو،
عُمر سڄيءَ ۾ نہ غم سندو من،
قريب پاڇو ڪڏهن اچئي ڪو،
پري هجن ڏک.

ﷺ تيون جُدا پئي،
ڪڏهن نہ اهڙي لڳي هوا ڪا!
ڇڄي دنيا ۾ تہ هيڪلا ٿيون،
نہ ڏينهن اهڙا ڏسون اپاڳا،
جيون جُدا پئي.

®

ﷺ ڪَري وفائون،
خوشيون سندم دل سنديون سموريون،
هجر! لُڪن ۾ سڙي ٿيون رک،
خواهشون سڀ رهيون اڌوريون،
پَري تہ آهون.

®

ﷺ ڪڏهن ڪڏهن هي،
اندر سمورو جَلي وڃي ٿو،
جَبر جَفا ساڻ دوستي ۾،
پَرم وفا جو جڏهن پڇي ڪو!
جڏهن تڏهن هي.

®

ﷺ ضَمير وِڪيو،
اصول عظمت سندا پڇي سڀ،
وڏن درن تي قلم ڏٽي ڪنهن!
عمر سڄيءَ لئہ سندو! وڃي سڀ،
سرير وِڪيو.

ﷺ چَري چيو هو،
ڪڏهن ملڻ "سوز" کونہ ٿيندو،
اجان ڪنن ۾ پُرن پيا جملا،
نہ وقت پيهر ڪڏهن هي ايندو،
وَري چيو هو.

®

ﷺ خدا اگهائي،
دعا دُکي دل سندي سُتت ئي،
ختم وڇوڙو وجي ٿي جلدي،
سدا دلين ۾ رهي سُپت ئي،
خوشي مِلائي.

®

ﷺ آمير ماڻهو،
وڏن ٽڪن تي وڪامجن ٿا،
اُنهن سَندي پيٽ ۾ ڪتي پيي،
ڪڏهن ڪتي کونہ ماپجن ٿا،
فقير ماڻهو.

®

ﷺ آٽي لَٽي جو،
فڪر نہ اُيري لَٽي جو جنهن کي،
مُنافقي جو! ڪري پيائي،
حلال روزي سندو نہ تنهن کي،
فِڪر ڳَيي جو.

